## اداريو:

## عبادت جو ذوق – روح جي غذا ۽ زندگيءَ جو مقصد

انساني زندگيءَ جو اصل مقصد پنهنجي خالق جي سڃاڻپ ۽ ان جي بندگي آهي. پر عبادت صرف چند مذهبي رسمن جو نالو ناهي، بلڪ هي هڪ اهڙو روحاني ذوق آهي جيڪو انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن عبادت ۾ "ذوق ۽ شوق" پيدا ٿئي ٿو، تہ اها ٻانهي ۽ رب جي وچ ۾ هڪ مضبوط پل بڻجي ويندي آهي.

عبادت جو پهريون ۽ اهم پهلو "حضورِ قلب "آهي. اڪثر اسان نماز پڙهون ٿا يا ذڪر ڪريون ٿا، پر اسان جو ذهن دنياوي معاملن ۾ منجهيل هوندو آهي. حقيقي ذوق تڏهن حاصل ٿيندو آهي جڏهن انسان سڀني رستن تان نظرون هٽائي صرف پنهنجي مالڪ جي در تي جهڪندو آهي. ان وقت جيڪو سڪون ۽ لذت روح کي ملندي آهي، اها دنيا جي ڪنهن بہ دولت سان نٿي خريد ڪري سگهجي. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ عبادت ۾ لذت تڏهن ايندي آهي، جڏهن ٻانهو محبتِ الاهيءَ ۾ گم ٿي وڃي.

عبادت جي ذوق جو ٻيو پاسو "اخلاق جي سڌاري "سان لاڳاپيل آهي. جيڪڏهن اسان جي نماز اسان کي برائيءَ کان نٿي روڪي، يا اسان جو روزو اسان کي صبر نٿو سيکاري، تہ اسان عبادت جي روح کان پري آهيون. سچي بندگي اها آهي جيڪا انسان ۾ عاجزي، انڪساري ۽ مخلوقِ خدا لاءِ همدردي پيدا ڪري. هڪ عابد انسان ڪڏهن بہ تڪبر نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ عروج صرف الله جي ذات کي زيب ڏئي ٿو.

اڄوڪي هن افراتفري واري دور ۾، جتي انسان ذهني دٻاءُ ۽ بي چينيءَ جو شڪار آهي، عبادت جو ذوق ئي واحد حل آهي. هي اسان کي سيکاري ٿو تہ هر حال ۾ رب جو شڪر ادا ڪجي. جڏهن انسان جي دل ۾ الله جي ياد جو نور هوندو آهي، تہ هو مشڪلاتن ۾ گهٻرائڻ بدران صبر جو دامن پڪڙيندو آهي.

## رَاشِدُ التَفاسِير

### قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (43)

**از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره**

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا، ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته ”پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن“ جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان ”راشد التفاسير“ رکيو ويو آهي.

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ (التوبه: ٣٨)

ترجمو: دنيا جو سامان تمام ٿورڙو ۽ حقير آهي .

حڪم ٿيل آهي تہ هن دنيا جي باغ ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي بادشاهہ حقيقي جي طلب ۽ ڳولا ڪن. جيئن تہ الله تعاليٰ جلشانہ فرمايو آهي:

” وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ “ (البينہ : ۵)

ترجمو: تہ نہ حڪم ٿيو انهن کي(بادشاهہ) الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان مگر هي تہ الله سائين جلشانہ جي عبادت ڪن ۽ ان لاءِ پنهنجو دين

سچو ڪن .

يعني پنهنجي هوا ۽ حرص ۾ گرفتار ٿيڻ ڪان جهل ٿيل آهي .پوءِ ڪيترا ماڻهو هن دنيا جي باغ ۾ اچي پنهنجي مقصد اصلي مولا پاڪ عزا سمہ جي طلب کي وساري هن باغ جي نعمتن يعني ڪاڌي پيتي ،پوشاڪن پهرڻ ،مال ميڙڻ ، راڳ ،سرود ۽ ٻين تماشن ۾ لڳي آرام طلب ٿي پيا. ۽ الله تعاليٰ جي طلب ڪان.جيڪا نعمتن ۾ وڏي نعمت ۽ دولتن ۾ وڏي دولت آهي،منهن موڙي دنيا جي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا. حالانڪ فرمان ٿيل آهن:

فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ (التوبہ : ٣٨)

ترجمو: دنيا جو سامان تمام ٿورڙو ۽ حقير آهي .

وڏي نعمت ۽ دولت رڳو الله سائين جي طلب ۽ تات آهي . ٻيا ڪي سچار خدا تعاليٰ جا بندا پنهنجي مقصود اصلي کي نہ وساري ، هن دنياوي باغ جي هيٺ ٺوهہ تماشن کي بيڪار سمجهي ،طلب جي ڪوشش جو ڪمربند چيلهہ تي محڪم ڪشيون ،پنهنجي معبود برحق جي ڳولا ۾ پنهنجو پاڻ پتوڙيندا رهيا ،جي نيث " فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا "(بني اسرائيل : ١٩) (انهن جي ڪوشش الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ ساب پوندي ) جي موجب پنهنجي مقصد اصلي ۽ محبوب حقيقي جي وصال ڪان وڃي مشرف ٿيا ۽ درگاهہ مان " مَنْ لَهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلُّ " (جنهن جو رب،تنهن جو سڀ !) جي پاڪر سان پهر جي سرفرازي حاصل ڪيائون.

## درس حديث

# عبادت جو ذوق ۽ نماز جي لذت

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه، أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ قَالَ" :حُبِّبَ إِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا النِّسَاءُ وَالطِّيبُ، وَجُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلَاةِ".

(سنن النسائي، حديث نمبر ٣٩٣٩، صحيح الجامع، حديث نمبر ٣١٢٤)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:
"توهان جي هن دنيا مان مون لاءِ عورتون ۽ خوشبو پسند ڪيون ويون آهن، ۽ منهنجي اکين جي ٺڏاڻ نماز ۾ رکي وئي آهي".

## درس ملفوظات شريف

امام العارفين حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله عنه فرمايو رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو، تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ اي يارو! سسئي توڙي زال ماڻهو هئي تہ بہ سعيو ۽ همت اهڙي مڙساڻي ڪري ڏيکاريائين جو پنهنجي دوست سان ملڻ کان اڳ ۾ آرام نہ ڪيائين ۽ توهان پاڻ کي مڙس سڏائي اهڙي مڙساڻي همت ڇو نٿا ڪريو ؟جو اوهين بہ پنهنجي محبوب جو مشاهدو وجي ماڻيو:

جذب مردانہ زليخا بين
کہ ز يعقوب برد يوسف را

يعني: بي بي زليخا،، جو مردانو جذب ڏس تہ ڪهڙو نہ عجب جهڙو هو، جو حضرت يوسف عليہ السلام کي حضرت يعقوب عليہ السلام کان پاڻ ڏي ڇڪي وئي .

# خطاب مبارڪ

## اعليٰ حضرت پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتهم العاليه

(دعوت پيڙو فقير مگريو بتاريخ ١١ جنوري ٢٠٢٦ ، ٢١ رجب المرجب ١٤٤٧ ھ)

"السلام عليڪم، خدا تعاليٰ توهان کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي .خدا تعاليٰ توهان کي، توهان جي اولاد کي، توهان جي مائٽن کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي .جماعت کي هميشھ چيو آهي تھ جڏهن بہ اوهان واندا ويٺا آهيو صلوات شريف، درود شريف جو ورد ڪيو ڇو جو جيڪو ماڻهو درود شريف پڙهي ٿو، انهي سان لکين فرشتا گڏ درود شريف پڙهن ٿا.

توهان مغرب جي نماز کان پوءِ ذڪر،ذڪر کان پوءِ درود شريف پڙهي ڪري درگاھ جي لاءِ، جماعت جي لاءِ، هن ملڪ جي لاءِ، پاڪستان جنهن ۾ اسان اڄ عزت سان گهمي سگهون ٿا، دعا ڪريو. ......نہ ختم ڪري سگهيا هن نہ آئينده ختم ڪري سگهندا، فوج اڳيان منهن ڏيو ويٺي آهي ، فوج جي لاءِ دعاگو رهو.

پنهنجي ٻارن جي تعليم تي خاص توجھ ڏيو .زياده تر جيترو ٿي سگهي پنهنجي ڇوڪرين کي، نياڻين کي پڙهائيءَ جي طرف وٺي وڃو، ڇو جو اڳتي پڙهائي ڪم ايندي .توهان جي سامهون آهي، آءٌ ڪافي وقت کان چوندو پيو اچان جو اوهان جو موسم ڪلائيميٽ چينج کان پوءِ، هاڻي خبرنھ پوي ٿي تہ ڪهڙو فصل ڪهڙي مهيني ۾ ڪاهجي، اڳتي جو توهان جو ۽ اسان جو وقت ڪيئن بہ گذريو، اسان جي نوجوان نسل کي مشڪلاتون پيش اينديون جيڪڏهن ڇڙو زراعت تي رهيا .ڇو جو موسم چينج ٿيڻ کان پوءِ زراعت گذريل چار پنج سال کان پوئتي پئجي وئي آهي .

هن دفعي بہ جو ڪاشتڪار پنهنجو فصل ڪاهي ٿو، ان جو ڪائي بہ صحيح معاوضو نٿو ملي.

پڙهائي هوندي تہ اڳتي اوهان جا ٻار وڌي سگهندا .جيڪو ٻار پڙهڻ ٿو چاهي، ان کي باقاعده پڙهايو .جيڪو پڙهائيءَ ۾ ڪمزور آهي، ان کي هنر ۾ لڳايو جو اڳتي هلي پنهنجو وقت عزت سان هلائي .هنر هوندو تہ عزت سان اڳتي هلي سگهندو، نہ تہ نہ پاڙي ۾ عزت هوندي نہ مائٽن ۾ عزت هوندي .هميشہ ڪوشش ڪري پنهنجي نياڻين تي توجهہ ڏيو".

مان جاڻي بہ وڃان ٿو توهان کي خبر هوندي، پنهنجي ڏيئرن سان گڏ ويندو هان، انهي جو سبب اهو آ، معتبر ۽ خليفن کي اهو ٻڌائڻ جو جماعت پنهنجي ٻچن سان گڏ هتي اچي سگهي ٿي تہ پوءِ مان بہ پنهنجي ٻچن سان گڏ جماعت ۾ وڃي ٿو سگهان، ڇو جو جماعت جا ٻچا منهنجي لاءِ ائين آهن جيڪي منهنجا پنهنجا ٻچا هن. جڏهن مان پنهنجي ٻارن کي جماعت ۾ ٿو وٺي اچان انهي جو مطلب اهو آ سمجهو تہ توهان جا پنهنجا ٻار توهان وٽ آيا آهن، مان خليفن کي ڪافي وقت کان چوندو آيس تہ بابا جيڪي غريب ماڻهو اچن ٿا، انهن کي يا تہ عزت ڏيو، جيڪڏهن عزت نہ ٿا ڏئي سگهو تہ انصاف ڏيو. اگر ٻئي شيون نہ هونديون، نہ عزت ملي نہ انصاف ملي، تہ پوءِ غريب ماڻهو ڪاڏي ويندو؟ مون وٽ ڪافي وقت کان شڪايتون ايندڙيون رهيون، مان موقعو ڏيندو رهيس، ليڪن ڪافي شڪايتن کان پوءِ ڪجهہ قدم مان کنيا جو درگاهہ ۽ جماعت جي ڀلائيءَ ۾ کنيا هن. ڪجهہ ماڻهن جي نظر ۾ ٿي سگهي ٿو غلط ڪم هجن، ليڪن مان پنهنجي ذات جي لاءِ نہ پر درگاهہ ۽ جماعت جي لاءِ هي قدم کنيا آهن.

مان جو بہ فيصلا ڪيا آهن، اهي درگاهہ ۽ جماعت جي ڀلائيءَ ۾

ڪيا جيترو وقت مان آهيان. مان جو بہ فيصلا ڪيا هن. اهي نہ مٽبا اهي نہ مٽبا. جو دنيا ۾ آيو آهي، ولي، پيغبر، اولياءَ، .خدا تعاليٰ ان تي جيڪو ڪم مقرر ڪيو هو. جڏهن اهو ڪم ٿي ويو. خدا تعالي فرمايو هاڻي تنهنجو وقت پورو آ. پيغمبر، ولي ، اولياءَ جيترا آيا ،پنهنجو ڪم پورو ڪري هن دنيا مان هليا ويا. چاچي وڏو هجي يا ننڍو هجي، هر گهر ۾ غمي ۽ خوشي اچڻي آهي. مون ڪان پوءِ چا ٿو ٿئي پوءِ توهان جي اولاد ۽ اسان جي اولاد ڇاڻي. ليڪن جيستائين آءٌ آهيان. پوري ڪوشش ڪندس. منهنجا خليفا. درگاهہ جا خليفا. جو بہ غريب اچي ان ڪي عزت ڏئي جو خليفو درگاهہ جي اصولن تي نہ هلندو. جماعت جي اصولن تي نہ هلندو. اهو بابا اسان مان نہ آهي. اسان سان نٿو هلي سگهي.

ان شاءَالله تعاليٰ خدا توهان ڪي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي، توهان جي اولاد ڪي بہ حفظ و امان ۾ رکي. خدا تعاليٰ توهان جي رزق ۾، روزيءَ ۾ برڪت عطا فرمائي. خدا تعاليٰ حضور پاڪ ﷺ جي صدقي ۾، پنجتن پاڪ جي صدقي ۾ توهان ڪي هر آفت. هر آزمائش. هر تڪليف مان بچائي.

مان توهان ڪي پيهر ٿو چوان تہ پنهنجي نياڻين جو خيال رکو. نوجوان ڇوڪرن تي بہ نظر رکو. اگر هڪڙو دفعو رستي تان غلط ٿي ويا. تہ ماءُ پيءُ جي لاءِ بہ تڪليف. مٺ مائٽن لاءِ بہ تڪليف ۽ پاڙي وارن لاءِ بہ تڪليف ٿيندي. جيترو ٿي سگهي ٿو چڱي صحبت عطا فرمائي. خدا تعاليٰ توهان ڪي توفيق عطا فرمائي. توهان پنهنجي ننڍن سان پيار ڪريو. خدا ننڍن ڪي توفيق عطا فرمائي جو پنهنجي ننڍن جي عزت ڪن. (دعا)

**پيشڪش: فقير امداد علي ڪوش**

# شعبان المعظم

## فقير محمد سليم سڪندري

اسلامي سال جو اٺون مهينو شعبان المعظم نفلي روزن ۽ عبادتن لاءِ انتهائي فضيلت وارو آهي. هن مهيني جي فضيلت جي وجهه اها معلوم ٿئي ٿي تہ هن مهيني ۾ رمضان المبارڪ جي روزن، تراويح ۽ ٻين عبادتن جي تياري جو موقعو ملي ٿو. رمضان المبارڪ جي استقبال ۽ عبادت جي تياري جي ڪري ئي حضور نبي ڪريم ﷺ هن مهيني ۾ خاص طور خير ۽ برڪت جي دعا فرمائي آهي.

حضرت انس رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ رسول الله ﷺ جن هي دعا گهرندا هئا:

”اي الله ! اسان لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت عطا فرما ۽ اسان کي رمضان جي مهيني تائين پهچاءِ.“

حضرت انس رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ رسول الله ﷺ جن کان پڇيو ويو تہ رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل روزو ڪهڙو آهي؟

پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو :شعبان جو، رمضان جي تعظيم لاءِ. (ترمذي)

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمائي ٿي: مون نہ ڏٺو تہ پاڻ ﷺ ڪنهن مهيني ۾ شعبان کان وڌيڪ نفلي روزا رکندا هجن.

ان سان گڏ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو:

يعني جڏهن اڌ شعبان باقي رهجي وڃي تہ روزا نہ رکو.

علماءِ ڪرام هن جو مطلب هي بيان ڪيو آهي تہ هن حديث شريف ۾ ممانعت انهن ماڻهن لاءِ آهي، جن کي روزو ڪمزور ڪري ٿو، اهڙن ماڻهن کي هي حڪم ڏنو ويو تہ اڌ شعبان کان پوءِ روزا نہ رکن، بلڪ ڪائين، پيئن ۽ طاقت حاصل ڪن، جيئن رمضان المبارڪ جا روزا قوت سان رکي سگهجن ۽ تراويح ۽ ٻين عبادتن کي چُستي سان انجام ڏئي

سگهجي.

جڏهن تہ امت ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي طاقت رکن ٿا ۽ شعبان المعظم جا نفلي روزا کين ڪمزور نٿا ڪن، اهي اڌ شعبان کان پوءِ بہ نفلي روزا رکي سگهن ٿا.

۽ اڌ شعبان کان پوءِ روزن کان جيڪا منع آئي آهي، اها درحقيقت رمضان المبارڪ جي تياري لاءِ آهي، يعني ڪائو، پيئو ۽ رمضان لاءِ تيار ٿي وڃو، ۽ هي اميد رکو تہ روزا آسان ٿي ويندا.

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعالىٰ عنها فرمائي ٿي: مون هڪ رات نبي ڪريم ﷺ کي پنهنجي بستري تي نہ ڏٺو، تہ مان پاڻ ﷺ جي تلاش ۾ نڪتيس.مون ڏٺو تہ پاڻ ﷺ (مدينہ طيبہ جي قبرستان) بقيع ۾ آهن.

پاڻ ﷺ (مون کي ڏسي) ارشاد فرمايو:

”ڇا تون اهو انديشو رکين ٿي تہ الله ۽ سندس رسول توسان ناانصافي ڪندا؟ (يعني تنهنجي واري ۾ ڪنهن ٻي زوج محترم وٽ هليا ويندا؟)“

مون عرض ڪيو: يارسول الله ﷺ! مون کي اهو خيال ٿيو تہ شايد توهان ڪنهن ٻئي حرم وٽ تشريف وٺي ويا هوندا.

پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو:

”الله تعالىٰ شعبان جي پندرهين رات آسمان دنيا تي نزول فرمائين ٿا ۽ قبيلي بنوڪلب جي ٻڪرين جي وارن کان بہ وڌيڪ ماڻهن جي مغفرت فرمائن ٿا.“ (مشڪوة شريف)

قبيلي بنوڪلب عرب جو هڪ مشهور قبيلو هو، جنهن وٽ عرب جي سڀني قبيلن کان وڌيڪ ٻڪريون هيون.

احاديث مبارڪ موجب، ڇاڪاڻ تہ هن رات ۾ بي شمار گنهگارن جي مغفرت ۽ مجرمن جي بخشش ٿئي ٿي، ۽ عذابِ جهنم کان ڇوٽڪارو ۽ نجات ملي ٿي، تنهنڪري عرف ۾ هن رات جو نالو ”شبِ برات“

مشهور ٿي ويو، البته ! حديث شريف ۾ هن رات جو ڪو خاص نالو وارد نه ٿيو آهي، بلڪ ”ليلة النصف من شعبان“ يعني شعبان جي وچ واري رات چئي ان جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي.

حضور نبي ڪريم ﷺ شعبان جي مهيني جي آخري تاريخ تي خطبو ڏنو ۽ فرمايو:

”اي ماڻهؤ! اوهان تي هڪ عظمت ۽ برڪت وارو مهينو اچڻ وارو آهي.“ پوءِ پاڻ ﷺ شبِ قدر، تراويح، الله تعالىٰ جي مغفرت، ۽ رمضان ۾ اهتمام سان ڪيل ويندڙ خاص اعمال جو ذڪر فرمايو.

بارگاهِ الهي ۾ دعا آهي ته الله ربّ العزت اسان کي هن بابرڪت مهيني ۾ وڌ کان وڌ عبادت ڪرڻ وارو بڻائي، ۽ رمضان المبارڪ جي استقبال ۽ عبادتن لاءِ تياري جي توفيق عطا فرمائي، جيڪا اسان جي گناهن جي مغفرت ۽ الله تعالىٰ جي خوشنودي جو ذريعو بڻجي، آمين.

عبادت جو اصل ذوق تڏهن حاصل ٿيندو آهي جڏهن ٻانهي جو دل پنهنجي خالق جي محبت سان لبريز هجي. رڳو جسماني حرڪتن جو نالو عبادت ناهي، پر دل جي حضور ۽ روح جي تڙپ جو نالو بندگي آهي. جنهن کي عبادت ۾ لذت ملڻ لڳي، ان لاءِ دنيا جون سڀ رونقون بي معنيٰ ٿي وينديون آهن. نماز ۾ سجدو تڏهن سڪون ڏيندو آهي جڏهن انسان پاڻ کي رب جي درٻار ۾ بيٺل محسوس ڪري. ذڪرِ الاهي سان زبان کي تر رکڻ ۽ اڌ رات جو اڪيلائي ۾ پنهنجي مالڪ کي ياد ڪرڻ ئي حقيقي ذوق آهي. الله پاڪ جي محبت ۾ ڪيل ننڍي نيڪي به وڏو اجر رکي ٿي. رب سائين اسان سڀني جي دلين ۾ پنهنجي عبادت جو سچو شوق ۽ ذوق پيدا فرمائي. آمين.

# قرآن ڪريم سان اسان جو رشتو: صرف تلاوت يا زندگيءَ جو دستور؟

## محمد نواز سڪندري

انساني زندگي اڄڪلهه جي دور ۾ هڪ اهڙي ڊوڙ بڻجي وئي آهي، جتي اسان کي پنهنجي وجود ۽ روح جي سڪون لاءِ وقت ئي نٿو ملي. اسان وٽ دنيا جي هر خبر پڙهڻ لاءِ وقت آهي، سوشل ميڊيا جي پوسٽن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪرڻ لاءِ اسان تيار آهيون، پر اسان جي گهرن ۾ رکيل اهو مقدس ڪتاب "قرآنِ ڪريم" اسان جي توجهه جو منتظر آهي. قرآن صرف هڪ ڪتاب ناهي، پر اهو اسان جي خالق جو اسان ڏانهن موڪليل هڪ محبت نامو آهي، جنهن ۾ اسان جي هر درد جو علاج ۽ هر پريشانيءَ جو حل موجود آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا اسان جو رشتو هن ڪتاب سان صرف برڪت تائين محدود آهي يا اسان ان کي پنهنجو رهبر به بڻايو آهي؟

### تلاوت جي مٺاس ۽ روح جي غذا

قرآن سان تعلق جو پهريون ڏاڪو ان جي تلاوت آهي. جڏهن اسان پنهنجي زبان سان الله جو ڪلام ادا ڪندا آهيون، ته اسان جي روح کي هڪ عجيب سڪون ملندو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: "جيڪو قرآن جو هڪ اکر پڙهي ٿو، ان کي ڏهه نيڪيون ملن ٿيون." پر تلاوت جو اصل مقصد تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن اسان جو دل به ان آواز سان گڏ هلي. اڄ اسان رڪارڊنگس ته ٻڌون ٿا، پر پاڻ پڙهڻ جي عادت ختم ٿيندي پئي وڃي. تلاوت جو مطلب آهي الله سان گفتگو ڪرڻ. جڏهن اسان روزانو قرآن جي تلاوت کي پنهنجو معمول بڻائيندا سين، ته اسان جي گهرن مان نحوستون ختم ٿي وينديون ۽ برڪتن جو نزول ٿيندو.

### فهمِ قرآن: الله اسان سان ڇا پيو چوي؟

قرآن ڪريم سمجهڻ (فهم) لاءِ نازل ٿيو آهي. تصور ڪريو ته توهان

ڪي ڪنهن اهڙي ٻوليءَ ۾ خط اچي جيڪا توهان کي نہ ايندي هجي، تہ ڇا توهان صرف ان خط کي اکين تي رکڻ سان ان جو مقصد سمجهي سگهندؤ؟ هرگز نہ! قرآن بہ الله سائينءَ جو اسان ڏانهن هڪ پيغام آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ”ڇا هي ماڻهو قرآن ۾ غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟“ (النساء: ٨٢). قرآن کي ترجمي ۽ تفسير سان پڙهڻ اسان تي لازم آهي. جڏهن اسان کي اها خبر پوندي تہ اسان جو مالڪ اسان کان ڪهڙي گُهر ڪري رهيو آهي، تہ اسان جي زندگي بدلجڻ شروع ٿي ويندي. اڄ اسان کي ٻوليءَ جا رڪاوٽون ختم ڪرڻيون پونديون، ترجمو اڳيان رکي هر آيت جي حڪمت کي سمجهڻو پوندو.

## عملي زندگي: قرآن جو اصل رنگ

قرآن سان محبت جو سڀ کان وڏو ثبوت ان تي عمل ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اسان قرآن پڙهون ٿا پر اسان جي اخلاق ۾ سچائي ناهي، اسان جي معاملن ۾ ايمانداري ناهي، تہ پوءِ اسان جو قرآن سان تعلق اڃا ڪچو آهي. امڙ عائشہ رضي الله عنها کان جڏهن ڪنهن پڇيو تہ حضور ﷺ جن جو اخلاق ڪيئن هو؟ تہ فرمايائون: ”پاڻ ﷺ جن جو اخلاق قرآن هو.“ اسان جي ڪاميابي تڏهن آهي جڏهن اسان جو اٿڻ، ويهڻ، ڪاروبار، ۽ خانداني معاملا قرآن جي اصولن موجب هجن. قرآن اسان کي معافي ڏيڻ، صبر ڪرڻ، ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ سيکاري ٿو. جيڪڏهن اسان جي زندگيءَ مان اهي شيون غائب آهن، تہ اسان کي پنهنجي رشتي تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

## اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اڄ کان ئي هڪ نئين شروعات ڪريو. پنهنجي ٽائم ٽيبل مان صرف ٢٠ منٽ قرآن لاءِ ڪڍو. ان ۾ ١٠ منٽ تلاوت ڪريو ۽ ١٠ منٽ ترجمي سان ان کي سمجهو. گهر ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ ويهي هڪ آيت تي بحث ڪريو تہ اها اسان کي ڪهڙو سبق ڏئي ٿي. ياد رکو، قرآن قبر ۾ اسان جو ساٿي ۽ قيامت ۾ اسان جي سفارش ڪندو.

# درود پاڪ جي فضيلت ۽ برڪت

## سنڌيڪار: مختيار احمد سڪندري

هڪ مسلمان تي لازم آهي ته جڏهن به نبي اڪرم ﷺ جو نام نامي اسمِ گرامي "محمد" يا "احمد" ٻڌي يا لکي، ان وقت حضور اڪرم ﷺ تي حڪمِ قرآني تي عمل ڪندي لازمي طور درود شريف پڙهي ۽ لکي، جو ته دين ۽ دنيا ۾ ان جون بي شمار برڪتون آهن، ۽ امتي هجڻ جو حق به اهو ئي آهي.

الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ نبي اڪرم ﷺ تي درود ۽ سلام موڪلڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي.

علامہ شمس الدين سخاوي رحمة الله عليه پنهنجي مشهور زمانہ ڪتاب **القول البديع** ۾ باقاعده هن عنوان تحت

" الصلاة عليه (رسول الله) عند كتابة اسمه"

درود شريف لکڻ جي فضيلتن، برڪتن ۽ واقعن کي بيان فرمايو آهي.
پاڻ فرمائن ٿا: حضور ﷺ جو نالو لکندي درود شريف لکڻ ۾ جيئن ثواب آهي، تيئن نہ لکڻ جي مذمت بہ آهي. ياد رکو! جيئن زبان سان درود شريف پڙهجي ٿو، تيئن ئي حضور ﷺ جو نالو لکندي درود شريف بہ لکيو وڃي. علماءِ ڪرام هن ڳالهہ کي مستحب قرار ڏنو آهي تہ لکندي جڏهن حضور ﷺ جو نالو اچي تہ ان وقت درود پاڪ لکيو وڃي. درود شريف لکڻ جي جاءِ تي رڳو رمز [جهڙوڪ: ص، صع، صلعم] لکڻ جائز ناهي، جيئن کي سست ۽ ڪاهل ماڻهو ڪندا آهن.

[القول البديع في الصلاة علیٰ الحبيب الشفيع، ص:۴۷۲]

## درود لکڻ بابت ڪجھ احاديث:

اچو تہ درود شريف لکڻ بابت احاديث مبارڪہ تي نظر وجهون.

حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو:

مَنْ كَتَبَ عَنِّي عِلْمًا فَكَتَبَ مَعَهُ صَلاةً عَلَيَّ لَمْ يَزَلْ فِي أَجْرٍ مَا قُرِئَ ذَلِكَ الْكِتَابُ [المشيخة البغدادية لابي طاهر، ج:٣، ص:١٣]

ترجمو: جنهن منهنجو نالو لکيو ۽ ساڻس گڏ مون تي درود پاڪ لکيو، جيستائين اهو درود پاڪ پڙهيو ويندو رهندو، تيستائين ان کي اجر ملندو رهندو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اڪرم نورِ مجسم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو:

إِذَا كَانَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يَجِيءُ أَصْحَابُ الْحَدِيثِ، وَمَعَهُمْ مَحَابِرُ، فَيَقُولُ اللَّهُ لَهُمْ: أَنْتُمْ أَصْحَابُ الْحَدِيثِ طَالَمَا كُنْتُمْ تَكْتُبُونَ الصَّلَاةَ عَلَى نَبِيِّي انْطَلِقُوا إِلَى الْجَنَّةِ [مختصر تاريخ دمشق، ج:٢٣، ص:٣٧٥، طبع: دار الفكر]

ترجمو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو، محدثين کي آندو ويندو، جن سان مَس هوندي، الله رب العزت انهن کي فرمائيندو: اوهين ئي اصحابِ حديث آهيو، جيڪي ڪثرت سان نبي صلي الله عليه وسلم تي درود شريف لکندا هئا، وڃو! اوهين سڀ جنت ۾ داخل ٿي وڃو.

شهنشاهِ دو عالم صلي الله عليه وسلم فرمايو:

مَنْ صَلَّى عَلَيَّ فِي كِتَابٍ لَمْ تَزَلْ الْمَلَائِكَةُ يَسْتَغْفِرُونَ لَهُ مَا دَامَ اسْمِي فِي ذَلِكَ الْكِتَابِ[القول البديع في الصلاة علیٰ الحبيب الشفيع، ص:٢٥٨، طبع: دار الريان للتراث]

ترجمو: جنهن مون تي ڪنهن ڪتاب ۾ درود شريف لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو، فرشتا ان لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا.

## رحمت ڀريا واقعا:

حضرت سفيان بن عيينة رحمة الله عليه فرمائن ٿا: مون هڪ شخص کي حديث ۾ پنهنجو ڀاءُ بڻايو هو، اهو شخص وفات ڪري ويو. مون خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيم تہ الله تعالىٰ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ هن جواب ڏنو تہ الله رب العزت منهنجي مغفرت فرمائي. مون پڇيو: ڪهڙي سبب سان؟ هن چيو: مان حديث پاڪ لکندو هوس، جڏهن رسولِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جو ذڪر

ايندو هو تہ ثواب جي نيت سان درود پاڪ (صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم) لکندو هوس، بس الله رب العزت انهيءَ سبب منهنجي بخشش فرمائي.
[تخريج احاديث احياء علوم الدين، ج:٢، ص:٢٢٧]

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: مون امام شافعي رحمۃ الله عليہ کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيم تہ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ الله رب العزت مون تي رحم فرمايو، منهنجي مغفرت فرمائي ۽ مون کي سينگاري جنت ڏانهن موڪليو ويو، جيئن ڪنوار کي سينگاريو ويندو آهي. وڏيڪ اهو بہ تہ مون تي اهڙيون نوازشون ڪيون ويون، جيئن ڪنوار تي ڪيون ويندڙيون آهن. [تخريج احاديث احياء علوم الدين، ج:٢، ص:٢٢٧]

حضرت خالد رحمۃ الله عليہ فرمائن ٿا: منهنجو هڪ دوست هو، جيڪو طلبِ حديث ۾ مشغول رهندو هو، پوءِ اهو وفات ڪري ويو. مون خواب ۾ ڏٺو تہ اهو سبز لباس پاتل، بادشاهن واري انداز سان هلندو پيو اچي. مون پڇيو: ڇا تون اهوئي منهنجو دوست ناهين، جيڪو مون سان گڏ حديث جو علم سکندو هو؟ هن چيو: ها، مان اهوئي آهيان. مون چيو: توکي اهي نعمتون ڪهڙي سبب سان مليون؟ هن جواب ڏنو: جڏهن بہ ڪا اهڙي حديث هوندي هئي، جنهن ۾ نبي اڪرم صلی الله عليہ وسلم جو ذڪر ايندو هو، مان ان وقت درود پاڪ (صلیٰ الله عليہ وسلم) لکندو هوس، بس انهيءَ جي بدلي ۾ مون سان اهي نوازشون ٿيون.[الجامع لاخلاق الراوي وآداب السامع، ص:١٣٦]

حضرت عمر بن ابو سليمان وراق رحمۃ الله عليہ فرمائن ٿا: مون پنهنجي والد صاحب کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيم تہ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ والد صاحب فرمايو تہ الله عزوجل منهنجي مغفرت فرمائي. مون عرض ڪيو: ڪهڙي سبب سان؟ والد صاحب ارشاد فرمايو: هر حديث ۾ رسول اڪرم صلی الله عليہ وسلم جي اسمِ گرامي تي درود شريف لکڻ جي برڪت سان.[الجامع لاخلاق الراوي وآداب السامع، ص:١٣٦]

حضرت ابو سليمان محمد بن حسين رحمۃ الله عليہ فرمائن ٿا: منهنجو هڪ پاڙيسري هو، جنهن جو نالو فضل هو، وڏو نيڪ، روزا رکندڙ ۽ گهڻي نماز پڙهندڙ هو. هن بيان ڪيو تہ مان حديث لکندو هوس، پر نبي اڪرم

ﷺ تي درود شريف نہ لکندو هوس. هڪ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪي اٿيو ۽ خواب ۾ الله جي رسول ﷺ جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ مون کي فرمايائون: جڏهن تون منهنجو نالو لکين ٿو يا منهنجو ذڪر ڪيو وڃي ٿو، تہ تون مون تي درود ڇو نٿو پڙهين؟ پوءِ ان ئي زماني ۾ مون کي ٻيهر نبي اڪرم ﷺ جي زيارت ٿي. پاڻ فرمايائون: تنهنجو درود شريف مون تائين پهچي ٿو، جڏهن تون مون تي درود پڙهين يا منهنجو ذڪر ڪيو وڃي تہ تون (صلي الله عليہ وسلم) پڙهندو ڪر.

[الجامع لاخلاق الراوي وآداب السامع، ص:١٣٦]

ڪجھ محدثين کان خواب ۾ پڇيو ويو تہ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن جواب ڏنو تہ الله عزوجل منهنجي مغفرت فرمائي. پڇيو ويو: ڪهڙي سبب سان؟ هنن چيو: نبي اڪرم ﷺ تي ڪتاب ۾ درود شريف لکڻ جي برڪت سان.

[القول البديع في الصلاة علي الحبيب الشفيع، ص:٢٥٢، طبع: دار الريان للتراث]

## مختصر درود لکڻ جو شرعي حڪم

امام اهلِ سنت امام احمد رضا قادري برڪاتي رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: اتي (جتي حضور اڪرم ﷺ جو ذڪر ڪيو وڃي) پورو درود شريف لکڻ جو حڪم آهي، **صلي الله تعالیٰ عليہ وسلم** لکيو وڃي، فقط ص يا صلم يا صلعم جيڪي ماڻهو لکن ٿا، اهو سخت شنيع (برو) ۽ ممنوع آهي، هيستائين جو تاتارخانيہ ۾ ان کي تخفيفِ شانِ اقدس قرار ڏنو ويو آهي (يعني نبي اڪرم ﷺ جي شان کي هلڪو سمجهڻ)، والعياذ بالله تعالیٰ.

[فتاويٰ رضويہ، ج:٢٣، ص:٣٨٩]

محترم قارئين! اهڙي طرح صرف درود پاڪ لکڻ بابت بي شمار واقعا موجود آهن. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ پنهنجي آقا و مولا ﷺ جو نالو (محمد يا احمد) لکون، تہ ان وقت مڪمل درود پاڪ **صلي الله عليہ وآلہ وسلم** لکو. ان شاء الله الڪريم، دنيا ۽ آخرت ۾ ان جون برڪتون نصيب ٿينديون، ۽ پاڻ ڪريم ﷺ بہ راضي ٿيندا. صرف رمز لکڻ تي هرگز اڪتفا نہ ڪيو وڃي.

# عظمتِ رسول ﷺ ۽ انساني حق

## محمد عبده/عبدالقدير سڪندري

”موجوده انساني مصيبتن مان نجات حاصل ڪرڻ جي واحد صورت اها ئي آهي تہ محمد ﷺ هن دنيا جا حڪمران (رهبر) بڻجن.“

هي مشهور مغربي مفڪر جارج برنارڊ شا جو قول آهي، ۽ اهو نبي اڪرم ﷺ جي ذاتِ والا صفات بابت غير متعصب ۽ غير مسلم محققن ۽ مفڪرن جي بي شمار راين مان هڪ آهي. جارج برنارڊ شا انهن ماڻهن مان آهي، جيڪي نبي اڪرم ﷺ جي نبوت تي ايمان نٿا آڻين، پوءِ بہ اهي سندن ﷺ جي عظمت کي تسليم ڪندي نظر اچن ٿا. سندن سچائي ۽ صداقت جو اعتراف رڳو عرب تائين محدود نہ رهيو آهي، بلڪ سڄي دنيا جا اهي دانشور ۽ مفڪر، جيڪي اسلام کي مڃڻ وارا بہ ناهن، اهي بہ حضور ﷺ جي عظمت ۽ رفعت جو برملا اعتراف ڪرڻ ۽ سندن تعريف ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪارلائل، نيپولين، والٽر، روسو، ويلز، ٽالسٽاءِ، گوئٽي، لين پول ۽ ٻيا بي شمار دانشور، حضور نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ رطب اللسان آهن.

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا انساني حقن يا آزاديءِ صحافت جي آڙ ۾، عالمي سطح تي هڪ معتبر ۽ تسليم ٿيل هستي، بي داغ ڪردار واري شخصيت ۽ انسانِ ڪامل جو تضيحڪي انداز ۾ ذڪر ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ ڇا ڪنهن بہ استهزائي پيرايي ۾ ان بابت اظهارِ خيال ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ ڇا اهڙي ڪنهن قبيح حرڪت کي رڳو چند نام نهاد اصطلاحن جي پردي ۾ جواز جو سند ڏئي سگهجي ٿي؟ خاص طور تي اهڙي صورت ۾، جڏهن هر مذهب، فڪر ۽ نظريي جا غير متعصب عالمي دانشور ان شخصيت کي انسانيت جو نجات دهنده، بهترين انسان ۽ رهبر تسليم ڪرڻ ۾ هڇڪچاهٽ محسوس نٿا ڪن، ۽ اهڙي شخصيت نبي جي هجي، اربين انسان ان جا پيروڪار هجن ۽ ان ذاتِ گرامي سان غير مشروط وابستگي، عشق ۽ شيدائي رکن؟

عظمتِ رسول ﷺ جو تصور امتِ مسلمہ جي هر فرد جي رڳن ۾ رت ٻڌجي ڊوڙي رهيو آهي. مسلمانن جو اهو ئي جذبو ۽ پنهنجي نبي ﷺ سان والهانہ لڳاءُ غير مسلم قومن جي دلين ۾ ڪنڊي وانگر چڀندو پيو اچي. غير مسلم قومون ڪنهن نہ ڪنهن طريقي ۽ مختلف حيلن ۽ بهانن سان امتِ مسلمہ جي ماڻهن جي دلين مان حُبِّ رسول ﷺ کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿيون. گهڻو پري وڃڻ جي ضرورت ناهي، گذريل ڪجهہ سالن جي عالمي واقعن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ اڄ جي مهذب دور ۾ خاتم النبيين حضرت محمد ﷺ ۽ دينِ اسلام بابت هڪ نئون عالمي انساني ۽ مذهبي رويو تخليق ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي. غير مسلم ذريعا ابلاغ اسلام خلاف ميڊيائي جارحيت سان مسلح نظر اچن ٿا.

اڄ جو دانشور اهو چئي رهيو آهي تہ انساني حق، انسانن جي برابري جو مسئلو ناهي، بلڪ اهو انساني برادري ۽ انسانن جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪرڻ جو مسئلو آهي. ڪنهن بہ انسان جي حقن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ جو مطلب اهو آهي تہ ان جي قدر و قيمت ان جي انساني اوصاف جي بنياد تي هجي، نہ ڪي ان جي شخصيت جي بنياد تي. ان ۾ ظاهري حد بندين، اختلافن ۽ نظرياتي ڪشمڪش جي عملداري نہ هئڻ گهرجي. انساني حقن جا علمبردار اهي ئي دليل برملا تقاضا ڪن ٿا تہ جڏهن نبي اڪرم ﷺ دنيا جي سڀ کان بلند، اعليٰ ۽ بهترين هستي آهن، ۽ سندن ﷺ جي انسانِ ڪامل ۽ سڀ کان بهترين انسان هئڻ تي دنيا جو اجماع ۽ اتفاق آهي، تہ پوءِ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا مخالفن ۽ اسلام دشمنن کي سندن ﷺ جي توهين تي آماده ڪري ٿي؟ ۽ ڇا اهڙا بدبخت ماڻهو ڪنهن بہ قسم جي رعايت جا مستحق ٿي سگهن ٿا؟ ظاهر آهي، جيڪو ٻين جي استحقاق جو لحاظ نٿو رکي، ان جو پاڻ بہ ڪو استحقاق نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو حق. اهڙا ماڻهو ملعون آهن ۽ انسانيت جي نالي تي داغ آهن.

ان سلسلي ۾ پنهنجن ماڻهن جي ڪوتاهين ۽ سادگي کي بہ نظرانداز

نڻو ڪري سگهجي. اسين مسلمان آهيون، ۽ اسان لاءِ خوشي، غمي ۽ پنهنجن جذبن جي اظهار جو بہ هڪ طريقہءِ ڪار آهي، جيڪو اسان کي تعليماتِ اسلام ۽ نبي پاڪ ﷺ جي عمل ۽ اسوهءِ مبارڪ مان حاصل ٿيو آهي. ان جي تقاضا اها آهي تہ امتِ مسلمہ پنهنجي نقطہ نظر کي پيش ڪندي حڪمت ۽ موعظہ حسنہ سان ڪم وٺي، ۽ بهترين انداز ۽ طريقو اختيار ڪري. اها ئي سنتِ رسول ﷺ ۽ حڪمِ رسول ﷺ آهي. مسلم ملڪن جي حڪومتن، دانشمند طبقي، اهلِ علم و فڪر ۽ مقتدر حلقن جي ذميوارين جو تقاضو آهي تہ اهي انسانِ ڪامل حضرت محمد ﷺ جي عزت ۽ تقدس تي آڱر کڻندڙن کي نهايت حڪمت ۽ تدبر سان هوش ۾ آڻڻ جو بندوبست ڪن. اسان کي ڄاڻڻ گهرجي تہ اڄ علم ۽ دليل جي دنيا ۽ جمهوريت جو دور آهي. اهڙي حالت ۾ اسان مسلمانن کي جوش سان گڏ هوش جي بہ اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي.

اسان کي نبي اڪرم ﷺ جي ذاتِ گرامي کي مغرب ۽ غير مسلم دنيا آڏو پيش ڪندي اعليٰ اسلامي تعليمات کي اجاگر ڪرڻو پوندو. ان حوالي سان عالمي سطح تي اهو واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ اسلام هڪ مڪمل دين آهي. اسلام ۾ انساني حقن جو جنهن انداز سان خيال رکيو ويو آهي، ٻيا مذهب، نظريا ۽ نام نهاد خود ساختہ اصطلاحون ان کان خالي نظر اچن ٿيون. ماءُ پيءُ کان آزاد زندگي نہ انسان جو حق آهي ۽ نہ ئي جانورن جهڙي آزادي سان انسان پنهنجي منزلِ مقصود حاصل ڪري سگهي ٿو. اسلام سلامتي، خيرخواهي، محبت، اخوت ۽ امن و سڪون جو دين آهي. قرآن جي تعليمات ۽ نبي پاڪ ﷺ جي سيرتِ مطهره ان جو عملي مظاهرو آهن. ذاتِ رسول ﷺ، جنهن کي خالقِ ڪائنات سيني جهانن ۽ سيني دنيائن لاءِ رحمت قرار ڏنو آهي، اها ئي بنيادي ڪنجي آهي، جيڪا گلوبلائيزيشن جي دور مان گذرندڙ انسانيت لاءِ راهبري ۽ رهنمائي جو ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿي.

# ميزان (ترازو) ۾ حساب ڪتاب جو بيان

## فقير محمد ياسين سڪندري

ميزان تي ئي سوال ۽ حساب جو دارومدار آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ جنت عرش جي ساڄي طرف ۽ جهنم ان جي کاٻي طرف رکي ويندي. ان کان پوءِ ميزان (ترازو) آندي ويندي ۽ نيڪين جي پڙي کي جنت جي سامهون ۽ برائين جي پڙي کي جهنم جي سامهون رکيو ويندو. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن (الله تعاليٰ) چاهيندو تہ ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي تہ هڪ ندا ٿيندي: "ڪٿي آهن محمد (ﷺ) ۽ سندن امت؟" ان وقت مان بيهندس ۽ منهنجي امت منهنجي پيروي ڪندي، انهن جا وضو وارا عضوا چمڪندا هوندا. اسان جي رستي تان ٻين امتن کي هڪ طرف ڪيو ويندو ۽ جڏهن ماڻهو هن امت جو درجو ۽ فضيلت ڏسندا تہ اهي حيرت مان چوندا تہ: "ويجهو هو تہ هيءَ سڄي جي سڄي امت نبي ٿي وڃي ها."

هي ڳالهہ صحيح ثابت ٿي چڪي آهي تہ سڀ کان پهريان جنهن شيءِ جو فيصلو ڪيو ويندو اهي خون جا معاملا ۽ مقدما هوندا (بخاري). ۽ هي بہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ سڀ کان پهريون سوال نماز بابت هوندو. انهن ٻنهي حديثن جي وچ ۾ مطابقت اها آهي تہ عبادات ۾ پهريون سوال نماز جو هوندو ۽ معاملن ۾ پهريون سوال خون (قتل) جو هوندو.

امام قرطبي فرمائن ٿا تہ صراط تان ڪو بہ ٻانهو ان وقت تائين گذري نہ سگهندو، جيستائين ان کان ستن مرحلن ۾ سوال نہ پڇيا وڃن: پهرين مرحلي تي ڪلمہ شهادت (ايمان) بابت سوال ٿيندو، جيڪڏهن اخلاص سان ايمان آندو هوندائين تہ گذري ويندو.

ٻئي مرحلي تي نماز بابت سوال ٿيندو.
ٽئين مرحلي تي رمضان جا روزا.
چوٿين مرحلي تي زڪوات.
پنجين تي حج ۽ عمرو.
ڇهين تي غسل ۽ وضو (پاڪائي).
ستين مرحلي تي ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتي يعني حقوق العباد بابت سوال ڪيو ويندو. هي مرحلو تمام ڏکيو ۽ سخت آهي. اهل علم فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ ستر نبين جي برابر اجر هجي پر مٿس اڌ داڻي جي برابر بہ ڪنهن جو حق هجي، تہ هو ان وقت تائين نہ گذرندو جيستائين حق واري کي راضي نہ ڪري وٺي.

سڀ کان وڏي نيڪي اها آهي تہ ٻانهي جو آخري ڪلام ڪلمہ طيبہ هجي، جيئن حضرت معاذ رضي الله عنه جي روايت ۾ آيو آهي تہ جنهن جو آخري ڪلام "لا الٰہ الا اللّٰہ" هوندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.
حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان مروي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جيڪو شخص ڪنهن ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جي ميزان تي بيهندس، جيڪڏهن نيڪيون غالب رهيون تہ واھ واھ، نہ تہ مان ان جي شفاعت ڪندس."

مشائخ عظام جي خبرن ۾ آهي تہ ڪنهن خواب ۾ ڪنهن کان پڇيو تہ حق تعالیٰ تنهنجي سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان چيو تہ منهنجا اعمال توريا ويا تہ نيڪين تي برائين جو پڙو ڳورو رهيو، ان وقت اوچتو هڪ ٿيلهي نيڪين جي پڙي ۾ اچي ڪري تہ اهو ڳورو ٿي ويو. پوءِ مون ان ٿيلهي کي کولي ڏٺو تہ ان ۾ اها مٽي هئي جيڪا مون هڪ مسلمان جي قبر ۾ (تدفين وقت) وڌي هئي.

مواهب اللدنيہ ۾ عجيب غريب حڪايتون لکيل آهن تہ هڪ ٻانهي جا ٻئي پڙا برابر هوندا تہ ڪيس چيو ويندو تہ تون نہ جنت جو مستحق آهين نہ جهنم جو. پوءِ هڪ ملائڪ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو آڻيندو جنهن

تي "اُف" يعني پيءُ جي نافرماني لڪيل هوندي، ان ڪي پڙي ۾ رکندو تہ نيڪين تي برائين جو پڙو ڳورو ٿي ويندو. اهو صرف پيءُ جي نافرماني جي هڪ لفظ جي ڪري ٿيندو. ان ٻانهي کي جهنم طرف وٺي وڃڻ جو حڪم ٿيندو تہ هو ٻانهو درخواست ڪندو تہ مونکي بارگاهہ الاهي ۾ پيش ڪيو وڃي. حڪم ٿيندو تہ وٺي اچو. پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو: "اي پيءُ جا نافرمان ٻانها! تو ٻيهر مون وٽ پيش ٿيڻ جي درخواست ڇو ڪئي؟" هو ٻانهو عرض ڪندو: "اي منهنجا مالڪ! مان پنهنجي پيءُ جو نافرمان هئس پر مون ڏٺو تہ هو بہ مون جيان دوزخ ڏانهن وڃي رهيو آهي، تہ مان توکان درخواست ڪريان ٿو تہ منهنجي پيءُ کي نجات ڏي ۽ ان جي بدلي منهنجو عذاب ٻٽو (ڊبل) ڪري ڇڏ." ان تي حق تعاليٰ تبسم فرمائيندو (جيئن سندس شان جي لائق آهي) ۽ فرمائيندو: "اي ٻانها! تو دنيا ۾ پيءُ جي نافرماني ڪئي ۽ آخرت ۾ ان تي مهرباني ڪرين ٿو، تہ تون پنهنجي پيءُ جو هٿ پڪڙ ۽ ٻئي جنت ۾ هليا وڃو." (سبحان الله وبحمده)

(ماخذ: مدارج النبوت، تصنيف: شيخ محقق شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه )

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه برصغير جا اهي عظيم عالم ۽ بزرگ آهن، جن کي "محدثِ دهلوي" جي لقب سان سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ ننڍي کنڊ ۾ حديث جي علم کي گهر گهر پهچائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. سندن سڀ کان وڏو ڪارنامو عشقِ رسول صلي الله عليه وسلم کي علمِ حديث سان گڏ عام ڪرڻ هو. پاڻ رڳو هڪ عالم نہ، پر هڪ وڏو صوفي بزرگ پڻ هئا. سندن لکيل ڪتاب، جهڙوڪ "اشعة اللمعات" ۽ "مدارج النبوة"، اڄ بہ علم جي اڃ اجهائيندڙن لاءِ مشعلِ راهہ آهن.

# اعتدال ۽ سادگي:
# سيرتِ طيبہ جو هڪ اهم پهلو

## حافظ محمد رفيق سڪندري

اعتدال دين اسلام جو خاصو آهي ۽ پنهنجي مڃيندڙن کان اهو مطالبو ڪري ٿو تہ هن وصف کي پنهنجي زندگيءَ جو معمول بڻائين. عبادتون هجن يا عادتون، هتيستائين جو جذبات يا افڪار جو اظهار هجي، اتي اعتدال گهربل آهي. اهڙي طرح اسلام سادگي ۽ للهيت کي وڏي اهميت ڏئي ٿو، جڏهن تہ نالو نمود، ڏيکاءُ ۽ نمائش جي مذمت ڪري ٿو. رسول الله ﷺ جي حياتِ پاڪ ۾ اعتدال ۽ سادگي جو وصف هر لمحي نمايان نظر اچي ٿو. هڪ حديث شريف، جنهن کي حضرت انس رضي الله عنه روايت ڪيو آهي، تنهن ۾ رسول الله ﷺ جي تواضع ۽ سادگي هن ريت واضح ٿئي ٿي:

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هو ٻڌائن ٿا تہ هڪ ڀيرو اسان مسجد ۾ نبي پاڪ ﷺ سان گڏ ويٺا هئاسين، ايتري ۾ هڪ شخص اُٺ تي سوار ٿي آيو ۽ اُٺ کي مسجد ۾ ويهاري ٻڌي ڇڏيائين. پوءِ پڇڻ لڳو: ”توهان ماڻهن ۾ محمد ﷺ ڪير آهن؟“ نبي ڪريم ﷺ ان وقت ماڻهن جي وچ ۾ ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا. اسان چيو: ”هي اڇي رنگت وارا آهن جيڪي ٽيڪ ڏيو تشريف فرما آهن.“ تڏهن هو پاڻ ﷺ سان مخاطب ٿيو: ”اي عبدالمطلب جا پٽ!“. پاڻ ﷺ فرمايو: ”چئو مان تنهنجي ڳالهہ ٻڌي رهيو آهيان.“ هن ڳالهايو : ”مان توهان ﷺ کان ڪجهہ ديني ڳالهيون پڇڻ چاهيان ٿو ۽ ذرا سختي سان پڇندس، تہ توهان پنهنجي دل ۾ برو نہ مڃجو.“ پاڻ ﷺ فرمايو: ”نہ، جيڪو تنهنجي دل چاهي پڇ.“ (صحيح بخاري)

جنگ بدر جي موقعي تي سوارين جي گهٽتائي سبب هڪ هڪ

سواري تي ڪيترائي ماڻهو واري واري سان سوار ٿيندا هئا ۽ باقي ماڻهو پيرين پنڌ هلندا هئا.

رسول الله ﷺ سان گڏ ابولبابہ رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه هئا. جڏهن پاڻ ﷺ جي سوار ٿيڻ جي وارو آيو تہ انهن ٻنهي عرض ڪيو تہ توهان ﷺ سوار رهو اسان هلندا رهون ٿا. رسول الله ﷺ فرمايو:

”توهان ٻئي هلڻ ۾ مون کان وڌيڪ طاقتور ناهيو، ۽ مان بہ توهان ٻنهي وانگر اجر ۽ ثواب جو طلبگار آهيان.“ (مسند احمد)

سيرت جي ڪتابن ۾ هڪ واقعو ملي ٿو تہ هڪ سفر دوران ٻڪري ذبح ڪري پچائڻ جو مشورو ٿيو. صحابہ ڪرام رضي الله عنهم مان هر هڪ پنهنجي ذمي ڪم ڪٽي ورتو. رسول الله ﷺ صحابہ ڪرام جي منع ڪرڻ جي باوجود ڪاٺيون گڏ ڪرڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ فرمايو: ”مان ڄاڻان ٿو تہ توهان ماڻهو منهنجي لاءِ ڪافي آهيو، پر الله تعاليٰ کي پنهنجي ٻانهي کي پنهنجي ساٿين کان ممتاز (خاص) ڏسڻ ناپسند آهي.“

انهن تمام واقعن مان سڀ کان وڏو سبق تواضع (نماڻائي) جو ملي ٿو. تواضع اختيار ڪرڻ رسول الله ﷺ جي سنت آهي. پهرين واقعي تي غور ڪريو، ڪائنات جي سڀ کان بزرگ شخصيت هن ريت پنهنجي صحابہ ڪرام سان ملي جلي ويٺي آهي جو نئين اچڻ واري کي سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ۽ کيس پاڻ ﷺ بابت پڇڻو پوي ٿو. نہ خاص نشست، نہ ڪو خاص لباس، نہ ڪا ٻي اهڙي علامت جيڪا پاڻ ﷺ کي پنهنجي صحابہ کان ممتاز ڪري. ٻئي واقعي تي غور ڪجي تہ ان مان سبق ملي ٿو تہ رسول الله ﷺ پنهنجي اصحابن جي اخلاص، محبت ۽ والهانہ لڳاءُ جي باوجود انهن سان هر ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ پسند فرمائيندا هئا. ٽئين واقعي ۾ تہ هيءَ ڳالهہ وضاحت سان اچي ٿي تہ الله پنهنجي ٻانهي کي متواضع ڏسڻ چاهي ٿو.

هاڻي ذرا ڏسو، اسان ۾ هن سنت تي عمل ڪرڻ وارا ڪيترا نظر

اچن ٿا. علماءَ هجن يا صوفياء ، اهي هر جاءِ تي پاڻ کي ممتاز ڪندي نظر ايندا. سندن لباس ڏسو ته معاشري ۾ رائج لباس کان بلڪل جداگانه طرز جو هوندو، رنگ به عام مزاج کان هٽي ڪري هوندو، اهڙي طرح سندن عمامي (پڳ) جي رنگ ۾ به ۽ طرز ۾ به امتياز جي شڪل نظر ايندي، لٺ يا عصا به خاص طرز جي هوندي. ڳالهه رڳو هتي ختم نٿي ٿئي پر پنهنجي نالن سان گڏ طرح طرح جا لقب لڳائين ٿا يا لڳرائين ٿا. انهن لقبن کي ڏسو ته هر لقب سندن شان بيان ڪندي نظر اچي ٿو.

حقيقت هيءَ آهي ته جن جي سامهون اهي لقب ڳالهايا وڃن ٿا انهن جي اڪثريت انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم کان اڻ واقف هوندي آهي. بس ڳرا لفظ ٻڌي متاثر ٿي ويندا آهن ۽ اهو تاثر وٺندا آهن ته هي عالم يا صوفي تمام وڏي شيءِ آهي ۽ اهو ئي انهن لقبن کي نالي سان ڳنڍڻ جو مقصد به هوندو آهي. ڪنهن کي پڇڻ جي همت به ناهي ٿيندي ته پنهنجي جهالت جو اظهار ڪير ڪري!

انهن لقبن جون ٻه صورتون آهن: پهرين صورت ته اها آهي ته جنهن کي اهي لقب ڏنا پيا وڃن واقعي اهي صفتون ان ۾ موجود هجن ۽ ٻي صورت اها آهي ته ان شخص ۾ انهن صفتن جو پاڇو به نه هجي. جيڪڏهن پهرين صورت آهي ته به دين جو مزاج ان جي اظهار ۽ تشهير کي ناپسند ڪري ٿو. صحابي رسول ﷺ ابوموسيٰ اشعري رضي الله عنه ٻڌائي ٿو ته هڪ ٻيرو هڪ شخص رسول الله ﷺ جي سامهون ٻئي ماڻهوءَ جي خوب واکاڻ ۽ تعريف ڪئي، ان تي پاڻ ﷺ فرمايو:

”توهان هن شخص کي هلاڪ ڪري ڇڏيو يا فرمايائون ته توهان هن جي چيلهه ڀوڙي ڇڏي.“ (صحيح بخاري)

صحيح مسلم جي روايت ۾ اچي ٿو:

”افسوس اٿئي، تو پنهنجي ساٿي جي گردن ڪپي ڇڏي، تو پنهنجي ساٿي جي گردن ڪپي ڇڏي.“ (ٻه ڀيرا فرمايائون).

الله تعاليٰ بہ ان ڳالھ کان  کان منع فرمايو آهي. سورة النجم آيت ٣٢ ۾ اچي ٿـو:

”پوءِ پنهنجي پاڪائي پاڻ نہ بيان ڪريو، اهو ئي چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ ڪير پرهيزگار آهي.“

جيڪڏهن ٻي صورت آهي يعني جنهن شخص جي نالي سان اهڙن لقبن جو اضافو ڪيو وڃي ٿو، ان ۾ انهن صفتن جو هجڻ تہ پري جي ڳالھ آهي انهن جي جهلڪ بہ موجود ناهي هوندي (جيڪا حقيقتِ حال بہ آهي) تہ اهڙو طرز عمل ڪوڙ جو ارتڪاب آهي، رياڪاري آهي محض ڏيکاءُ آهي جنهن مان مقصد ماڻهن ۾ پنهنجي مقبوليت وڌائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ ناهي. اهي لقب اختيار ڪرڻ اهڙن ماڻهن جي مجبوري هوندي آهي. عام مروج لقبن مولانا، مفتي يا پير صاحب جي لقب مان سندن تسلي ناهي ٿيندي ان ڪري جو اهو تہ هر عالم ۽ پير جو لقب آهي، ان ڪري ڪين ڪجھ جداگانہ گهربل هوندو آهي. نہ صرف لقب پر اهي ٻين طريقن سان بہ پاڻ کي ٻين کان جدا ڪن ٿا. لباس، اٿڻ ويهڻ، گفتگوءَ جي انداز ۾ جداگانہ طرز اختيار ڪن ٿا جيڪو عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪري ڇڏي ٿو. سنتِ رسول ﷺ جو درس تہ پاڻ کي مٿائڻ آهي نہ کي جداگانہ حيثيت اختيار ڪرڻ. رسول الله ﷺ جو طرز تہ اهو هو جو ايندڙ کي پڇڻو پوندو هو: اَيُّكمْ مُحَمَّدْ ﷺ؟ (توهان مان محمد ﷺ ڪير آهن؟). سنتِ رسول ﷺ ئي معيار آهي. مزاج سنت سادگي آهي. ان تي غور ڪريو، ان کي معيار بڻايو، ۽ ان کي ئي سامهون رکو. ان ۾ ئي خير آهي!

اڄ اسان پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺون تہ معلوم ٿيندو تہ علماءِ دين هجن يا تصوف جا دعويدار (جن جو امتيازي وصف عاجزي ۽ انڪساري آهي) انهن جو هڪ وڏو طبقو هن مرض جو شڪار آهي. اشتهارن ۾، جلسن ۾ يا ٻين اجتماعن ۾ انهن لقبن جو اظهار ٿئي ٿو.

حد تہ اها آهي تہ ڪجھ حضرات باقاعدي پنهنجي حلقي جي ماڻهن کي اهڙا وڏا وڏا لقب پنهنجي نالي سان لڳائڻ جي تاڪيد ڪن ٿا، ۽ لقبن ڪانسواءِ پڪارڻ تي ناراضگي جو اظهار ڪن ٿا. جڏهن تہ رسول الله ﷺ جو حڪم آهي:

”جڏهن توهان تعريف ۾ مبالغو ڪندڙن کي ڏسو تہ انهن جي چهرن تي مٽي وجهو.“ (مسند احمد)

صحابي رسول ﷺ حضرت مقداد رضي الله عنه ڪنهن شخص کي هڪ امير جي تعريف ڪندي ٻڌو تہ ان جي چهري تي مٽي وجهڻ لڳو، ۽ اهو فرمايائين تہ پاڻ ﷺ اسان کي اهڙي طرح ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي تہ تعريف ڪندڙ جي چهري تي مٽي وجهي ڇڏيندا ڪريون. (سنن ترمذي)

اسان کي گهرجي تہ هن سلسلي ۾ پنهنجي مجلسن ۾ سادگي اختيار ڪن، پنهنجي لباس ۾، پنهنجي اٿڻ ويهڻ ۾، پنهنجي ڪلام ۾. جيڪڏهن ڪو ڪين اهڙن اسمن ۽ لقبن سان پڪاري تہ اهي ان جو بلڪل جواب نہ ڏين. اهڙي شخص کي نرمي سان سمجهايو وڃي تہ شريعت جي نظر ۾ اهڙي طرح ڪرڻ ناپسنديده آهي. ايتروئي نہ بلڪ سندن فرض بڻجي ٿو تہ پنهنجي تقرير دوران ان جو رد ڪن تہ جيئن مستقبل لاءِ نصيحت ٿئي. هيءَ سڏ آهي انهن لاءِ جيڪي نڪتہ دان آهن.

حڪمت الله تعاليٰ جي طرفان هڪ اهڙي عظيم نعمت آهي، جنهن کي قرآن پاڪ ۾ "خيرِ ڪثير" يعني تمام وڏي ڀلائي سڏيو ويو آهي. دانائي جو مطلب صرف علم حاصل ڪرڻ ناهي، پر صحيح وقت تي صحيح فيصلو ڪرڻ ۽ پنهنجي علم کي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ آهي

# جديد فتنا ۽ اسلامي تعليمات: هڪ فڪري ۽ تهذيب يافته مطالعو

## ابو صالح سڪندري

انساني تاريخ جي هر دور ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ جنگ جاري رهي آهي، پر ايڪيهين صديءَ جو هي دور فتنن جي اعتبار کان ايترو ته سنگين ۽ گهڻ رخو آهي جو انساني عقل حيران ٿي وڃي ٿو. اڄ جو دور رڳو مادي هٿيارن جي جنگ جو دور ناهي، پر هي "فڪري ارتداد"، "تهذيبي يلغار" ۽ "نفسياتي غلامي" جو دور آهي. نبوي ﷺ پيشگوئين موجب فتنن جو هڪ اهڙو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي، جيڪو ڪاري رات جي اونداهين وانگر هڪ پويان ٻيو انسانيت کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي رهيو آهي. انهن حالتن ۾ جتي هڪ طرف اسلام دشمن قوتون پنهنجي تمام تر وسيلن سان اسلام کي هڪ "خطري" طور پيش ڪري رهيون آهن، اتي ٻئي طرف جديد فتنن مسلمانن جي عقيدن، اخلاق ۽ خانداني نظام تي ڪاري ضرب لڳائي آهي.

### جديد فتنن جي نوعيت ۽ ميڊيا جو ڪردار

موجوده دور جو سڀ کان وڏو فتنو ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جو غلط استعمال آهي. جنهن نموني ١١/٩ کان پوءِ هڪ مخصوص ايجنڊا تحت اسلام کي دهشتگردي سان جوڙيو ويو، بلڪل اهڙي طرح اڄ "اسلاموفوبيا" کي هڪ باقاعده صنعت بڻايو ويو آهي. مغربي پريس ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلندڙ مقامي دانشور هر ان آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيڪو اسلام جي اصل روح جي ڳالهه ڪري ٿو.

بنياد پرستي جهڙن لقبن کي اهڙي ريت اڇلايو وڃي ٿو جو عام مسلمان پنهنجي ئي دين بابت معذرت خواهه (Defensive) بڻجي وڃي.

جديد فتنن ۾ هڪ وڏو فتنو "لبرل ازم" ۽ "سيڪيولر ازم" جو اهو لباس آهي جنهن جي پٺيان لادينيت لڪيل آهي. انساني حقن، اظهار جي

آزادي ۽ عورتن جي حقن جي دلڪش نعرن جي آڙ ۾ اسلامي قدرن جو مذاق اڏايو وڃي ٿو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن ڪو مغربي مفڪر عيسائيت يا يهوديت جي حق ۾ ڳالهائي تہ اهو "محبِ وطن" سڏجي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو عالمِ دين قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ سماجي بگڙيل حالتن جي نشاندهي ڪري تہ کيس "پراڻي خيالن وارو" قرار ڏنو وڃي ٿو.

**الحاد ۽ فڪري انارڪي**

اڄ جو نوجوان جنهن سڀ کان وڏي فتني جو شڪار آهي، اهو "جديد الحاد" ((Modern Atheism آهي. سائنسي ترقيءَ کي مذهب جي سامهون آڻي بيهاريو ويو آهي، حالانڪہ اسلام هميشہ غور و فڪر ۽ ڪائنات کي فتح ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي. الحاد جو هي فتنو رڳو خدا جي انڪار تائين محدود ناهي، پر هي انسان کي اخلاقي پابندين کان آزاد ڪري "نفس جو ٻانهو" بنائڻ چاهي ٿو. اباحيت پسندي يعني رڳو لذت جي زندگي کي اصل مقصد قرار ڏنو ويو آهي. هم جنس پرستي، خانداني نظام جي تباهي ۽ حيا جو خاتمو هن فتني جا اهي ڪڙا ڦل آهن جيڪي مغرب کان درآمد ڪيا ويا آهن.

**سياسي فتني ۽ عالمي منافقت**

عالمي منظرنامي تي نظر وجهبي تہ منافقت جي انتها نظر اچي ٿي. جتي هڪ طرف جمهوريت جو راڳ آلاپيو وڃي ٿو، اتي فلسطين، ڪشمير، برما ۽ شام جي مسلمانن تي ٿيندڙ ظلمن تي عالمي ضمير خاموش رهي ٿو. جيڪڏهن ڪو مسلمان پنهنجي حق لاءِ آواز اٿاري تہ کيس "دهشتگرد" قرار ڏئي پوري قوم تي زمين تنگ ڪئي وڃي ٿي. آمريڪا ۽ يورپ جي اسلام دشمن جنگ کي وڌائڻ لاءِ نوان نوان بهانا ڳوليا وڃن ٿا. جن جو مقصد مسلمانن کي نفسياتي طور تي مغلوب ڪرڻ آهي.

**اسلامي تعليمات: فتنن جو حل**

اسلامي تعليمات انهن تمام فتنن جو واحد ۽ مڪمل حل فراهم ڪن

ٿيون. قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ هيٺين اصولن کي اپنائڻو پوندو:

١. **اعتصام بحبل الله (الله جي رسي کي مضبوط پڪڙڻ):** اختلافن کي ڇڏي اصل دين يعني توحيد ۽ اتباعِ سنت تي گڏ ٿيڻو پوندو.

٢. **علمِ نافع ۽ فڪري بيداري:** مسلمانن کي جديد علوم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجي دين جي فڪري دفاع جي صلاحيت پيدا ڪرڻي پوندي. رڳو جذباتي نعرن سان فتنن جو مقابلو نٿو ڪري سگهجي.

٣. **تواضع ۽ سادگي:** اسان کي پنهنجي زندگين ۾ سنتِ نبوي ﷺ جي مطابق سادگي آڻڻي پوندي.

۴. **حقوق العباد ۽ عدل:** اسلام رڳو عبادتن جو نالو ناهي، پر معاملن ۾ صفائي ۽ عدل جو نالو آهي. اسان کي سماج جي مظلوم طبقن لاءِ آواز اٿارڻو پوندو ته جيئن اسلام جو حقيقي چهرو سامهون اچي.

۵. **ميڊيا جو مثبت استعمال:** اسان کي پنهنجي دفاع لاءِ پنهنجو ميڊيا پاڻ تيار ڪرڻو پوندو، جيڪو ڪوڙ جو پردو چاڪ ڪري ۽ سچائي کي دنيا جي سامهون آڻي.

جديد بظاهر تمام طاقتور نظر اچن ٿا، پر انهن جي بنياد ڪوڙ ۽ مڪر تي آهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: "جاءِ الحق و زهق الباطل، ان الباطل كان زهوقا" (حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو، بيشڪ باطل مٽجڻ وارو ئي آهي). ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان پنهنجي صفن ۾ اتحاد پيدا ڪريون، پنهنجي تعليمات تي فخر ڪريون ۽ معذرت خواهه رويو ترڪ ڪريون. اسلام دنيا جي سلامتي جو ضامن آهي، ۽ ان جي خلاف اٿندڙ هر طوفان آخرڪار ٿڌو ٿي ويندو، بشرطيڪ اسان پنهنجي ايمان تي ثابت قدم رهون.

# اسلامي تصوف:

# اعتراضن جو علمي جائزو

## علامه علي اڪبر راهمون سڪندري

اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪو موضوع اهڙو هجي، جنهن بابت ايترا گهڻا سوءِفهم، اعتراض، ۽ افراط و تفريط پيدا ٿيا هجن، جيترا تصوف بابت ٿيا آهن. تصوف اهڙو موضوع رهيو آهي، جنهن بابت هميشہ اختلاف راءِ موجود رهيو آهي، ڪن حلقن ان کي غير اسلامي فڪر قرار ڏنو، ڪن ان کي قديم تهذيبن مان ورتل روحانيت چيو، تہ ڪن وري ان کي بدعتن ۽ ۽ عمل ڪان فراريت سان جوڙي ڇڏيو. پر جيڪڏهن تصوف قرآن، حديث ۽ سلف صالحين جي فهم جي روشني ۾ ڏٺو وڃي تہ اهي اعتراض گهڻي حد تائين فڪري مغالطن تي ٻڌل نظر اچن ٿا .

حالانڪ اسلامي تصوف جو بنيادي تصور تزڪيه نفس آهي، جيڪو اسلام ۾ ڪا اضافي ۽ خارجي شيء ناهي. اسلامي تصور تصوف حقيقت ۾، قرآن جي تزڪيہ، حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي اخلاق، ۽ سلف صالحين جي روحاني شعور جو منظم اظهار آهي.

تصوف تي هڪ اعتراض اهو ڪيو ويندو آهي تہ ”تصوف نفس جي تربيت جو غير اسلامي نظام آهي“.

هن اعتراض جو ماخذ يا هيئين چئجي تہ هي اعتراض ان بنياد تي ڪيو ويندو آهي تہ نفس جي تربيت، رياضت، ۽ اخلاقي پاڪيزگي جا تصور قديم تهذيبن ۽ مذهبن (هندومت، بدھ مت، يوناني فلسفو) ۾ بہ ملن ٿا؛ ان ڪري اسلامي تصوف بہ اتان ورتل آهي.

هن اعتراض جو جواب قرآن، حديث ۾ واضح طور موجود آهي تہ قرآن پاڪ ۾ تزڪيہءِ نفس کي ايمان جو بنيادي مقصد قرار ڏنو ويو آهي:

﴿قَدۡ أَفۡلَحَ مَن زَكَّىٰهَا﴾ (سورة الشمس)

”بيشڪ ڪامياب ٿيو، جنهن نفس کي پاڪ ڪيو.“

—— بيو تہ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد پاڻ قرآن بيان ڪري ٿو:

﴿يُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ﴾

”هو کين پاڪ ڪري ٿو ۽ ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو.“

واضح ٿيو تہ تزڪيو ڪو بعد ۾ پيدا ٿيل فڪر نہ آهي، پر بعثتِ نبوي جو بنيادي مقصد آهي.

حديثِ جبرائيل اسلامي تصوف جو بنيادي شرعي دليل آهي. جنهن مطابق اسلامي تصوف ڪو الڳ، غير اسلامي يا بعد ۾ پيدا ٿيل فڪر نہ آهي، بلڪ اهو اسلام جي ٽئين بنيادي درجي ”احسان“ جو عملي ۽ باطني اظهار آهي. ان جو واضح، صريح ۽ متفق عليہ دليل حديثِ جبرائيل آهي.

جڏهن حضرت جبرائيل عليہ السلام نبي ﷺ کان دين بابت سوال ڪيا تہ اسلام ۽ ايمان کان پوءِ پڇيو تہ

فأخبرني عن الإحسان؟

قال: أن تعبدَ اللهَ كأنك تراه، فإن لم تكن تراه فإنه يراك.

(صحيح مسلم، ڪتاب الايمان)

هي حديث صاف لفظن ۾ ٻڌائي ٿي تہ احسان عبادت جو اهو درجو آهي، جنهن ۾ بندو الله تعالىٰ جي حضور، مراقبي ۽ باطني شعور سان جيئندو آهي. اها ئي حقيقت آهي، جنهن کي اسلامي اصطلاح ۾ تصوف چيو ويو آهي. تصوف دراصل احسان جي تڪميل جو علم ۽ عمل آهي. ان جو مقصد نفس جو تزڪيو، دل جو اصلاح، اخلاق جي تڪميل ۽ عبادت کي رڳو رسم نہ، پر شعوري بندگي بڻائڻ آهي.

انهيءَ ڪري ائمہ امت، خاص طور امام غزالي، واضح طور بيان ڪن ٿا تہ:

”احسان کان سواءِ اسلام ظاهري ڍانچو رهجي وڃي ٿو، ۽ تصوف احسان کي زنده رکي ٿو.“

۽ هڪڙي حديث ۾ واضح طور نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

“اَلَا وَإِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً... إِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهُ”

”دل جڏهن صحيح ٿي وڃي ٿي، تہ سڄو جسم صحيح ٿي وڃي ٿو.“

تصوف دل جي ان ئي اصلاح جو منهج آهي.

هڪڙو اعتراض اهو بہ ڪيو ويندو آهي تہ نفس جي تربيت جا طريقا تہ قديم مذهبن ۽ تهذيبن ۾ بہ موجود هئا، تنهنڪري اسلامي تصوف بہ اتان ماخوذ آهي، يا چوندا آهن تہ ”تصوف روحاني نظام آهي، جيڪو قديم مذهبن مان ورتل آهي“

در حقيقت هيءُ هڪ فڪري مغالطو آهي. هي اعتراض روحانيت کي ماورائي، غير شريعي، ۽ مجرد تجربو سمجهي ٿو.

جڏهن تہ اسلام روح کي الٰہ جو حصو نہ ٿو سمجهي، بلڪہ الله جي مخلوق سمجهي ٿو

﴿وَيَسْأَلُونَكَ عَنِ الرُّوحِ قُلِ الرُّوحُ مِنْ أَمْرِ رَبِّي﴾

(۽ توهان کان روح بابت سوال ڪن ٿا، توهان ان کي چئو تہ روح منهنجي پالڻهار جو امر آهي()

اسلامي تصوف ۾ روحاني تجربو شريعت جي تابع آهي، ڪشف ۽ حال قرآن و سنت جي ميزان جي ذريعي پرکيا ويندا آهن. تصوف جو مقصد قربِ الٰهي آهي، تصوف جو مقصد فنا في الوجود ناهي.

هڪ اهو بہ اعتراض ڪيو ويندو آهي تہ ”تصوف بدعتن ۽ غلو سان ڀريل آهي“

اصل ۾ هتي ٻن شين کي ڌار ڪري ڏسڻ ۽ انهن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي .

هڪ آهي تصوف بمعني(تزڪيہ، اخلاق، عبوديت)

ٻيو آهي تصوف بمعني (تاريخي بگاڙ ۽ ثقافتي اضافا)

سلف صالحين جي تصوف جو مطلب آهي : زهد، اخلاص، تقويٰ ۽خوفِ خدا.

حضرت حسن بصري عليہ الرحمة فرمايو:

”صوفي اهو نہ آهي، جيڪو اوني لباس پائي، پر صوفي اهو آهي، جنهن جي دل دنيا کان خالي هجي.“

در حقيقت بدعت (تاريخي بگاڙ ۽ ثقافتي اضافا) تصوف نہ آهي، پر تصوف جي نالي ۾ ڪيل بي اعتدالي آهي.

هڪڙو اعتراض اهو بہ ڪيو ويندو آهي تہ ”تصوف عمل کان فرار ۽ سماجي لاپرواهي آهي“

هن اعتراض جو جواب آهي تہ نبوي ميزان، جيڪو نبي ﷺ فرمايو:
”مؤمن، جيڪو ماڻهن سان گڏ رهي ۽ سندن تڪليفن تي صبر ڪري، ان مؤمن کان بهتر آهي، جيڪو الڳ ٿي وڃي.“

حقيقي صوفي جو ڪردار هي آهي تہ شريعت جو پابند، معاشري لاءِ نافع، اخلاق ۾ اعليٰ، نفس جي خواهشن تي غالب اچي.

تصوف فراريت نہ آهي، پر اندروني اصلاح ذريعي سماجي ذميواري سيکاري ٿو.

امام غزالي اسلامي تصوف جو دفاع ڪندي چيو آهي تہ تصوف شريعت جو روح، اخلاق جو باطن ۽ علم جو ثمر آهي.

امام غزالي لکي ٿو تہ:
”شريعت بغير حقيقت جي بي روح آهي، ۽ حقيقت بغير شريعت جي گمراهي.“
۽ ”احياء علوم الدين“ ۾ واضح ڪري ٿو تہ:
تصوف جو مقصد: دل جو اصلاح آهي، ان جو وسيلو علم، عمل۽ اخلاص آهي. ان جون حدون قرآن ۽ سنت آهن.
اهڙي طرح امام غزالي تصوف کي فلسفي کان پاڪ ڪري، نبوي تزڪيہ سان ڳنڍي ڇڏيو.

# استقبالِ رمضان: رڳو رسم يا حقيقي

# تبديليءَ جي تياري؟

## مولانا غلام مصطفيٰ سڪندري

رمضان المبارڪ جو مهينو ويجهو ايندي ئي اسلامي دنيا ۾ هڪ خاص جوش ۽ جذبي جي لهر ڊوڙڻ ويندي آهي. بازارن ۾ رش وڌي ويندي آهي، سحر ۽ افطار جي دسترخوانن جو فڪر ٿيڻ لڳندو آهي ۽ مسجدن جي صفائي سترائي شروع ٿي ويندي آهي. پر هڪ باصلاحيت مسلمان لاءِ رمضان جو استقبال رڳو انهن ظاهري تيارين جو نالو ناهي. رمضان هڪ "تربيتي ڪيمپ"( Training Camp) آهي جيڪو اسان کي سال جي باقي يارنهن مهينن لاءِ تيار ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان جي تياري رڳو کائڻ پيئڻ جون شيون گڏ ڪرڻ تائين محدود آهي، ته اسان هن عظيم مهيني جي اصل مقصد يعني "تقويٰ" کان محروم رهجي سگهون ٿا.

اچو ته جائزو وٺون ته هڪ شعور رکندڙ مسلمان کي رمضان کان اڳ ڪهڙن پهلوئن تي تياري ڪرڻ گهرجي:

**١. فڪري ۽ ذهني تياري**

رمضان جي سڀ کان پهرين تياري "ذهني رخ" جي تبديلي آهي. اسان کي سمجهڻو پوندو ته هي مهينو اسان جي روح جي غذا لاءِ آهي، جسم جي لذت لاءِ ناهي. اسان کي پنهنجي ذهن کي ان ڳالهه تي تيار ڪرڻ گهرجي ته اسان هن مهيني ۾ پنهنجي وقت جو هڪ هڪ لمحو الله جي رضا لاءِ استعمال ڪنداسين. ان لاءِ ضروري آهي ته اسان رمضان جا فضائل ۽ ان جا احڪام (روزي جا مسئلا) اڄ کان ئي پڙهڻ شروع ڪريون ته جيئن اسان جي عبادت علم جي بنياد تي هجي.

**٢. توبه ۽ تزڪيه نفس**

ڪنهن به مهمان جي اچڻ کان اڳ گهر جي صفائي ڪئي ويندي

آهي، تہ پوءِ "سلطان الشهور" (مهينن جي بادشاهہ) جي اچڻ کان اڳ دل جي صفائي ڇو نہ ڪجي؟ رمضان کان اڳ اسان کي سچي توبہ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اسان گناهن جي بار کان آزاد ٿي هن مهيني جون برڪتون سيمٽي سگهون. پنهنجي دلين کي ڪيني، حسد، بغض ۽ دشمني کان پاڪ ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان ڀاءُ سان ناراضگي آهي تہ ان کي ختم ڪريو، ڇاڪاڻ تہ جنهن جي دل ۾ بغض هوندو آهي، ان جي مغفرت ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي.

### ٣. وقت جي رٿابندي

اڄ ڪلهہ سڀ کان وڏي فضوليت "وقت جو زيان" آهي. سوشل ميڊيا، غير ضروري بحث ۽ اجايا مشغلا اسان جي رمضان جا قيمتي لمحا چوري ڪري وٺندا آهن. تياريءَ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ اسان اڃا کان ئي هڪ "رمضان ٽائيم ٽيبل" ٺاهيون:

قرآن پاڪ جي تلاوت لاءِ ڪيترو وقت ڏيڻو آهي؟

ذڪر ۽ اذڪار ۽ دعائن جو وقت ڪهڙو هوندو؟

ننڊ ۽ روزگار جي وقت ۾ ڪيئن توازن رکڻو آهي؟

جيڪڏهن اسان بغير پلاننگ جي رمضان ۾ داخل ٿينداسين، تہ عيد ويجهو ايندي ئي اسان کي احساس ٿيندو تہ اسان گهڻو وقت ضايع ڪري ڇڏيو.

### ٤. حقوق العباد ۽ مالي تياري

رمضان همدردي ۽ غمگساريءَ جو مهينو آهي. مهانگائيءَ جي هن دور ۾ جتي ڪيترا ئي سفيد پوش خاندان بنيادي ضرورتن لاءِ سڪي رهيا آهن، اسان کي اڄ کان ئي پنهنجي بجيٽ مان هڪ حصو "زڪوات ۽ صدقات" لاءِ مقرر ڪري وٺڻ گهرجي. رمضان کان اڳ ئي انهن ماڻهن جي لسٽ تيار ڪريو جن جي توهان کي خاموشيءَ سان مدد ڪرڻي آهي. ياد رکو، اصل سخاوت اها آهي جيڪا ڏيکاءُ کان پاڪ هجي.

### ٥. عادتن جي تبديلي

جيڪڏهن توهان کي سگريٽ نوشي، چانهه جي گهڻائي يا دير سان سمهڻ جي عادت آهي، ته رمضان کان اڳ ئي انهن ۾ گهٽتائي آڻڻ شروع ڪريو. اوچتو رمضان ۾ اهي عادتون ڇڏڻ توهان جي طبيعت ۾ چڙ پيدا ڪري سگهي ٿيون ، جنهن جو اثر توهان جي عبادت ۽ ٻين سان توهان جي رويي تي پوي ٿو. رمضان کي پنهنجي اخلاق جي بهتريءَ جو ذريعو بڻايو. اڃا کان ئي ڪوڙ، غيبت ۽ بدگوئيءَ کان بچڻ جي مشق شروع ڪريو.

### ٦. سادگي جو عهد

افسوس جي ڳالهه آهي ته رمضان جيڪو سادگي جو سبق ڏيڻ آيو هو، ان کي اسان "اسراف" (فضول خرچي) جو مهينو بڻائي ڇڏيو آهي. افطار پارٽين ۽ طرح طرح جي کاڌن جي تياريءَ ۾ عورتن جو گهڻو وقت بورچيخاني ۾ گذري ٿو ۽ مردن جو مارڪيٽن ۾. اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته اسان سادگي اپنائينداسين ته جيئن گهر جي عورتن کي به تلاوت ۽ عبادت لاءِ ڀرپور وقت ملي سگهي.

رمضان المبارڪ هڪ سنهري موقعو آهي پنهنجي زندگيءَ جو رخ بدلائڻ جو. هي مهينو رڳو بکيو اڃيو رهڻ جو نالو ناهي پر پنهنجي انا کي مٽائڻ ۽ الله جي سامهون جهڪڻ جو نالو آهي. جيڪڏهن اسان اڃا کان تياري نه ڪئي، ته هي مهينو به گذريل سالن وانگر ايندو ۽ گذري ويندو.

# زڪوات ڪيئن ادا ڪجي..؟

رمضان المبارڪ ۾ زڪوات ۽ خيرات (صدقو) ادا ڪرڻ هڪ انتهائي بابرڪت عمل آهي، ڇاڪاڻ ته هن مهيني ۾ هر نيڪيءَ جو اجر ٧٠ ڀيرا وڌايو ويندو آهي. ان ڪي صحيح طريقي سان ادا ڪرڻ لاءِ توهان هيٺ ڏنل مرحلن تي عمل ڪري سگهو ٿا:

**١. زڪوات جو حساب لڳائڻ**

زڪوات هر ان صاحبِ نصاب مسلمان تي فرض آهي، جنهن وٽ ٥٢.٥ تولا چاندي يا ٧.٥ تولا سون (يا ان جي قيمت جي برابر نقدي رقم/مال) پوري هڪ سال تائين رهيو هجي.

**ڪل اثاثا:** پنهنجي نقدي رقم، بئنڪ بيلنس، سون، چاندي ۽ تجارتي مال کي گڏ ڪريو.

**ڪٽوتي:** جيڪڏهن توهان تي ڪو قرض آهي يا بجلي/گيس جا بل باقي آهن، ته اها رقم ڪڍي ڇڏيو.

زڪوات جي شرح: باقي بچيل رقم جو ٢.٥% حصو ڪڍڻ فرض آهي.

**٢. مستحقن جي سڃاڻپ (صحيح جاءِ تي خرچ ڪريو)**

قرآن پاڪ جي مطابق زڪوات جا ٨ مصرف آهن. انهن مان بهترين هي آهن:

**غريب مٽ مائٽ:** سڀ کان پهريون حق انهن مٽن مائٽن جو آهي جيڪي مستحق آهن (پر ياد رهي ته ماءُ، پيءُ، اولاد ۽ گهر واريءَ کي زڪوات نٿي ڏئي سگهجي).

**مسڪين ۽ محتاج:** اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي بنيادي ضرورتن کي پورو نٿا ڪري سگهن.

**مدارس ۽ فلاحي ادارا:** اهي ادارا جيڪي غريب ٻارن کي تعليم يا مريضن کي مفت علاج فراهم ڪن ٿا.

### ٣. رمضان ۾ ادائگي جي حڪمت عملي

رمضان ۾ ماڻهو اڪثر آخري ڏهن ڏينهن ۾ زڪوات ڪڍندا آهن، پر صحيح طريقو هي آهي:

فهرست تيار ڪريو: رمضان کان اڳ ئي پنهنجي آس پاس جي سفيد پوش ماڻهن جي لسٽ ٺاهيو ته جيئن کين عيد جي تياريءَ لاءِ وقت تي پئسا ملي سگهن.

راشن بمقابلہ نقدي: جيڪڏهن توهان کي لڳي ٿو ته ڪو ماڻهو پئسا غلط جاءِ تي خرچ ڪندو، ته ان کي راشن (اٽو، کنڊ، دالون وغيره) وٺي ڏيو.

خفيہ ادائگي: زڪوات ڏيڻ وقت ڪوشش ڪريو ته وٺڻ واري جي عزتِ نفس مجروح نہ ٿئي. لڪائي ڏيڻ افضل آهي.

### ٤. صدقو فطر (فطرانو)

زڪوات کان علاوه، رمضان جي ختم ٿيڻ کان اڳ (عيد جي نماز کان پهرين) فطرانو ادا ڪرڻ ضروري آهي. هي گهر جي هر فرد (ٻارن سميت) جي طرفان ڪڍيو ويندو آهي ته جيئن غريب ماڻهو بہ عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي سگهن.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ: "پنهنجي ڀاءُ سان مرڪي ملڻ بہ صدقو آهي." هڪ ننڍڙي مرڪ نہ صرف ٻين جي دلين ۾ محبت پيدا ڪري ٿي، پر سماج مان نفرت ۽ ڪدورت جو خاتمو بہ ڪري ٿي. جڏهن اسان ڪنهن سان محبت ۽ مرڪ سان ملون ٿا، تہ ان سان انساني لاڳاپا مضبوط ٿين ٿا ۽ رب پاڪ بہ راضي ٿئي ٿو.

# والدين جو احترام ۽ حق

## مولانا علي حسن سڪندري

انساني سماج ۾ رشتن جي اهميت تمام وڏي آهي، پر انهن سڀني رشتن ۾ هڪ اهڙو رشتو بہ آهي جنهن جو ڪو بہ نعم البدل ناهي. اهو رشتو آهي "والدين" جو. ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي شفقت اهي بہ ٿنڀا آهن جن تي هڪ انسان جي پوري زندگي بيٺل هوندي آهي. اڄ جي هن تيز رفتار ۽ مادي دور ۾، جتي اسان پنهنجي ڪيريئر، موبائل فون ۽ دوستن ۾ ايترا تہ مصروف ٿي ويا آهيون جو اسان کي اهو وسري ويو آهي تہ اسان جي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ بہ اهڙيون هستيون ويٺل آهن جن اسان جي خوشين لاءِ پنهنجي پوري زندگي قربان ڪري ڇڏي. اچو تہ اڄ اسلامي تعليمات ۽ انسانيت جي روشنيءَ ۾ پنهنجي والدين سان پنهنجي رشتي تي غور ڪيون.

### قرآنِ ڪريم جو حڪم ۽ والدين جي عظمت

الله تعاليٰ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي پنهنجي عبادت کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٻي شيءِ جو ذڪر ڪيو آهي، تہ اهو والدين سان حسنِ سلوڪ آهي. سورت بني اسرائيل ۾ ارشاد آهي تہ: "توهان جو رب فيصلو ڪري ڇڪو آهي تہ ان کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو ۽ والدين سان ڀلو سلوڪ ڪريو." هن آيت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ والدين جي خدمت جو درجو الله جي عبادت سان ڪيترو ويجهو رکيو ويو آهي. الله تعاليٰ اڳتي فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن اهي تنهنجي سامهون ٻڍاپي کي پهچن تہ کين "اُف" بہ نہ چئو ۽ نہ ئي کين ڇڙٻ ڏيو.

غور ڪريو تہ الله سائين صرف سخت ڳالهائڻ کان نہ، پر "اُف" چوڻ کان بہ روڪيو آهي. "اُف" هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو انسان تڏهن چوندو آهي جڏهن هو ڪنهن ڳالهہ تان بيزار يا تنگ ٿيندو آهي. اسلام اسان کي سيکاري ٿو تہ والدين جي ڪنهن بہ ڳالهہ تان بيزار ٿيڻ بہ

گناهه آهي.

**ماءُ جي ممتا: جنت جو رستو**

ماءُ اهو لفظ آهي جنهن کي ٻڌندي ئي دل ۾ سڪون ۽ اکين ۾ ٿڌاڻ اچي ويندي آهي. هڪ ماءُ پنهنجي اولاد کي نون مهينن تائين پنهنجي پيٽ ۾ تڪليف سان ڪٽي ٿي، پوءِ ڪيس ڪير پياري ٿي ۽ پنهنجي ننڊون قربان ڪري اولاد کي سڪون پهچائي ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "جنت تنهنجي ماءُ جي قدمن هيٺان آهي." ان جو مطلب اهو ناهي ته جنت صرف مرڻ کان پوءِ ملندي، پر مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن توهان دنيا ۾ جنت جهڙو سڪون ۽ آخرت ۾ ڪاميابي چاهيو ٿا ته پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪريو.

هڪ صحابي حضور ﷺ جن کان پڇيو ته منهنجي حسنِ سلوڪ جو سڀ کان وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو "تنهنجي ماءُ". صحابي ٻيو ڀيرو پڇيو، جواب مليو "تنهنجي ماءُ". ٽيون ڀيرو پڇڻ تي ٻه جواب مليو "تنهنجي ماءُ". چوٿين ڀيري پاڻ ﷺ جن "پيءُ" جو نالو ورتو. هيءَ حديث ٻڌائي ٿي ته ماءُ جو درجو ۽ ان جا حق ڪيترا مٿانهان آهن.

**پيءُ جو سايو: تحفظ ۽ شفقت**

جيڪڏهن ماءُ جي قدمن هيٺ جنت آهي ته پيءُ ان جنت جو دروازو آهي. پيءُ اهو وڻ آهي جيڪو پاڻ ته اس ۾ سڙي ٿو پر پنهنجي اولاد کي ٿڌو سايو ڏئي ٿو. هڪ پيءُ پنهنجي اولاد جي تعليم، تربيت ۽ ضرورتن لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري ٿو. هو پنهنجيون خواهشون دٻائي اولاد جون خواهشون پوريون ڪري ٿو. پيءُ جي ناراضگي ۾ الله جي ناراضگي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي پيءُ جي سختي ناگوار لڳندي آهي، پر ياد رکو ته اها سختي اسان کي دنيا جي ٺوڪرن کان بچائڻ لاءِ هوندي آهي.

**اڄ جو سماج ۽ اسان جون غلطيون**

بدقسمتيءَ سان اڄ اسان جي معاشري ۾ "اولڊ ايج هومز" (پيرسنيءَ جا گهر) وڌي رهيا آهن. اهو اولاد جيڪو والدين جي آڱر پڪڙي هلڻ سکيو، اڄ جڏهن والدين جا قدم ڏڪن ٿا تہ اهو اولاد کين بوجهہ سمجهڻ لڳي ٿو. اسان پنهنجي زال، ٻارن ۽ نوڪريءَ کي تہ وقت ڏيون ٿا، پر والدين کي وقت ڏيڻ اسان لاءِ مشڪل ٿي پيو آهي. اسان وساري ويٺا آهيون تہ اسان بہ هڪ ڏينهن ٻڍا ٿينداسين ۽ جيڪو ٻج اسان اڄ پوکينداسين، سڀاڻي اسان جو اولاد بہ اسان سان اهوئي سلوڪ ڪندو.

**والدين جا حق: جيڪي اسان تي فرض آهن**

والدين جا اسان تي ڪجهہ اهڙا حق آهن جيڪي اسان کي هر حال ۾ پورا ڪرڻ گهرجن:

**ادب ۽ احترام:** کين هميشہ نرم لفظن سان مخاطب ڪريو. جڏهن اهي ڪمري ۾ اچن تہ احترام ۾ بيهي رهو.

**وقت ڏيڻ:** والدين کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت توهان جي وقت جي هوندي آهي. انهن سان ويهي ڳالهيون ڪريو، انهن جا پراڻا قصا ٻڌو، انهن کي محسوس ڪرايو تہ اهي اڃا بہ گهر جا وڏا آهن.

**مالي مدد:** جيڪڏهن توهان ڪمايو ٿا، تہ والدين جي ضرورتن جو خيال رکو. کين ڪنهن شيءِ لاءِ توهان کان گهرڻ نہ گهرجي، پر توهان کي پاڻ مرادو انهن جي ضرورت محسوس ڪرڻ گهرجي.

**بيماريءَ ۾ تيمارداري:** ٻڍاپي ۾ انسان ٻار بڻجي ويندو آهي. ان وقت انهن جي صحت جو خيال رکڻ ۽ کين پيار ڏيڻ اسان جي ذميداري آهي.

**وفات کان پوءِ حق:** والدين جي وفات کان پوءِ انهن لاءِ دعاِ مغفرت ڪرڻ، انهن جي طرفان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، ۽ انهن جي دوستن ۽ مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ بہ انهن جا حق آهن.

**هڪ نصيحت آموز قصو**

چيو وڃي ٿو تہ هڪ پٽ پنهنجي ٻڍي پيءُ کان بيزار ٿي کيس هڪ ٽوڪريءَ ۾ وجهي ٻيلي ۾ ڇڏڻ ويو. جڏهن هو کيس ڇڏي واپس اچڻ

لڳو تہ پيءُ چيو، "پٽ! هيءَ ٽوڪري تہ واپس کڻي وڃ." پٽ پڇيو "ڇو؟". پيءُ مسڪرائي چيو،"سڀاڻي جڏهن تنهنجو پٽ توکي ٻيلي ۾ ڇڏڻ ايندو تہ ڪيس بہ هن ٽوڪريءَ جي ضرورت پوندي." اها ڳالهہ ٻڌي پٽ جون اکيون کلي ويون ۽ هو روئندي پنهنجي پيءُ کي واپس گهر وٺي آيو.

دوستو! والدين الله جي اهڙي نعمت آهن جيڪا زندگيءَ ۾ صرف هڪ ڀيرو ملندي آهي. انهن جي قدر تڏهن نہ ڪريو جڏهن اهي هن دنيا مان هليا وڃن، پر تڏهن ڪريو جڏهن اهي زنده آهن. انهن جي دعائون توهان جي تقدير بدلائي سگهن ٿيون. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ توهان جي زندگي مبارڪ ٿئي، توهان جي مال ۽ اولاد ۾ برڪت ٿئي، تہ پنهنجي والدين کي راضي ڪريو. ياد رکو، والدين جي مسڪراهٽ ۾ئي الله جي رضا لڪل آهي.

ربِ ڪريم اسان سڀني کي پنهنجي والدين جو فرمانبردار بڻائي ۽ کين صحت ۽ وڏي ڄمار عطا فرمائي. (آمين)

صبر اسلام جو هڪ اهڙو عظيم گڻ آهي جيڪو انسان کي مشڪل وقت ۾ حوصلو ۽ سڪون فراهم ڪري ٿو. قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ "بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي." جڏهن ڪو ٻانهو مصيبت يا پريشانيءَ ۾ شڪايت ڪرڻ بدران رب جي رضا تي راضي رهي صبر ڪري ٿو، تہ ان لاءِ اهڙو اجر آهي جنهن جو ڪو حساب ناهي. صبر جو مطلب صرف خاموش رهڻ ناهي، پر ڏکين حالتن ۾ بہ پنهنجي ايمان کي مضبوط رکڻ آهي. ياد رکو، هر تڪليف کان پوءِ آساني آهي. جيڪو انسان صبر کي پنهنجو هٿيار بڻائي ٿو، الله پاڪ ان لاءِ ڪاميابيءَ جا دروازا کولي ڇڏي ٿو ۽ کيس دنيا توڙي آخرت ۾ سرخرو ڪري ٿو.

# مان ”ميري ڪرسمس“ چو نٿو چوان!

**انصار عباسي**

جيڪڏهن مان بحيثيت مسلمان اهو فيصلو ڪريان تہ مان هندن سان رواداري ۽ ڀائيچاري جي اظهار لاءِ سندن مذهبي تهوار هولي ۾ شريڪ ٿي وڃان، تہ ڇا مان اها اميد رکي سگهان ٿو تہ بدلي ۾ جڏهن عيدالاضحىٰ اچي تہ اهي ئي هندو مون سان گڏ ڳئون ذبح ڪن ۽ ان جو گوشت بہ کائن؟ ظاهر آهي، اها اميد نہ رڳو غير معقول هوندي، پر ناجائز ۽ ناقابلِ قبول بہ هوندي. اهو ئي نڪتو هن سڄي بحث جي بنياد آهي، جنهن کي اسين اڪثر جذبات، نعرا ۽ سطحي دليلن جي نذر ڪري ڇڏيندا آهيون.

سڀني مذهبن جون پنهنجون پنهنجون عبادتون ۽ مذهبي رسمون هونديون آهن. اهي رسمون رڳو ثقافتي سرگرميون ناهن هونديون، پر انهن جو سڌو سنئون تعلق عقيدي سان هوندو آهي. رواداري ۽ ڀائيچاري جو مطلب هرگز اهو ناهي تہ هڪ مذهب جو پيروڪار ٻئي مذهب جون مذهبي رسمون اختيار ڪرڻ شروع ڪري ڏئي، يا پنهنجي عقيدي کي هڪ سماجي تجربو بڻائي ڇڏي. جيڪڏهن اسين ائين ڪريون ٿا تہ نہ رواداري باقي رهندي ۽ نہ ئي عقيدو.

بدقسمتي سان اڄ رواداري جو تصور هن حد تائين مسخ ٿي چڪو آهي جو ان کي عقيدي تي سمجهوتي جي مترادف بڻايو ويو آهي. اهو چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن اوهان ڪنهن ٻئي مذهب جي تهوار تي مبارڪباد نہ ڏني، يا ان جي مذهبي اصطلاح استعمال نہ ڪئي، تہ گويا اوهان تنگ نظر، انتهاپسند يا غير مهذب آهيو. جڏهن تہ حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي.

اصل رواداري اها آهي تہ اوهان ٻئي جي عقيدي جو احترام ڪريو،

ان تي حملو نہ ڪريو، ان جي عبادت ۾ رڪاوٽ نہ وجھو، پر ساڳئي وقت پنھنجي عقيدي تي بہ مضبوطي سان قائم رھو.

جيڪڏھن اسين پاڪستان جھڙي مسلم اڪثريتي ملڪ جي ڳالھ ڪريون تہ ھتي ھندو، عيسائي ۽ ٻين مذھبن سان تعلق رکندڙ شھري موجود آھن. انھن جا مذھبي تھوار، عبادتون ۽ رسمون انھن جو آئيني ۽ اخلاقي حق آھن. ھڪ مسلمان معاشري جي حيثيت سان اسان جي ذميواري آھي تہ اسين انھن کي محفوظ، باوقار ۽ سازگار ماحول فراھم ڪريون، تہ جيئن اھي پنھنجي مذھبي فرض آزادي سان ادا ڪري سگھن. انھن جي گرجا گھرن، مندرن يا مذھبي اجتماعن ۾ ڪنھن بہ قسم جي رڪاوٽ وجھڻ نہ اسلامي آھي ۽ نہ انساني.

پر اھا ذميواري ھن ڳالھ جي ھرگز تقاضا نٿي ڪري تہ اسين پاڻ انھن رسمن جو حصو بڻجي وڃون، جيڪي سڌو سنئون انھن جي عقيدي سان جڙيل آھن. عيسائيت ۾ ڪرسمس رڳو خوشي جو ڏينھن ناھي، بلڪ ھڪ مخصوص عقيدي جي علامت آھي. ھڪ مسلمان لاءِ، ان عقيدي جي توثيق ڪرڻ ممڪن ناھي. اھو ئي سبب آھي جو گھڻا ماڻھو ”ميري ڪرسمس“ چوڻ کان پرھيز ڪن ٿا. باقي جيڪڏھن ڪنھن کي مسئلو پيچيدو آھي تہ علماءِ ڪرام سان رابطو ڪري سگھي ٿو.

ھتي اھا ڳالھ سمجھڻ ضروري آھي تہ ڪنھن کي ”ميري ڪرسمس“ نہ چوڻ بدتميزي ناھي، نفرت ناھي ۽ تعصب بہ ناھي. اھو رڳو ھڪ عقيدي تي ٻڌل حدبندي آھي. جيئن ڪنھن غير مسلم کان اھا اميد نٿي رکي سگھجي تہ ھو اسان جا مذھبي شعائر اختيار ڪري، اھڙيءَ طرح مسلمان کان اھا اميد رکڻ بہ درست ناھي تہ ھو ٻين مذھبن جون مذھبي اصطلاحون استعمال ڪري.

اسلام اسان کي اھو نٿو سيکاري تہ اسين ٻين جي تھوارن جو مذاق اڏايون يا انھن جي تذليل ڪريون. بلڪ اسان کي حڪم ڏنو ويو آھي

تہ اسين نرم گفتار هجون، انصاف ڪريون ۽ حسنِ اخلاق جو مظاهرو ڪريون. پر اسلام اهو بہ سيکاري ٿو تہ عقيدو هڪ سنجيده معاملو آهي، ڪو رسمي معاملو ناهي، جنهن کي حالتن مطابق تبديل ڪري سگهجي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو سمجهي ٿو تہ مذهبي حدون برقرار رکندي بہ اسين سٺا انسان، سٺا شهري ۽ سٺا پاڙيسري بڻجي سگهون ٿا، تہ اهو ئي دراصل رواداري جي اصل روح آهي. پائيچارو ان ڳالهہ جو نالو ناهي تہ سڀ هڪ جهڙا بڻجي وڃن، بلڪہ ان ڳالهہ جو نالو آهي تہ فرق هوندي بہ هڪ ٻئي جي حق جو احترام ڪيو وڃي.

” منهنجي لاءِ منهنجو دين، اوهان لاءِ اوهان جو دين “— هي اهو اسلامي اصول آهي، جيڪو اسان جي ايمان جو حصو آهي. انهيءَ اصول جي بنياد تي گهڻا ماڻهو ”ميري ڪرسمس“ نٿا چون، پر ساڳئي وقت سڀني لاءِ امن، خوشي ۽ سلامتي جي دعا ضرور ڪن ٿا. اهو ئي توازن، اهو ئي فهم ۽ اهو ئي رويو هڪ صحتمند ۽ باوقار معاشري جي بنياد بڻجي ٿو.

اسلام اسان کي پائيچاري ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "بهترين ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين کي فائدو پهچائي." زندگيءَ جو اصل مقصد صرف پنهنجي لاءِ جيئڻ نہ، پر ٻين جي ڏکن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ انهن جي تڪليفن کي گهٽ ڪرڻ آهي. ڪنهن مجبور جي مدد ڪرڻ، بکئي کي کاڌو کارائڻ يا ڪنهن پريشان حال انسان کي تسلي ڏيڻ بہ وڏي عبادت آهي. جڏهن اسان الله جي مخلوق جي مدد ڪندا آهيون، تہ الله پاڪ اسان جي غيبي مدد فرمائيندو آهي..